

Gul Hayat Institute

# چند ګلیون

Gul Hayat Institute

# چنڊ ڳليون

(شاعري)

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.
1995ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ چورانوي

ڇپائيندڙ — نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ — القادر پرنٽنگ پريس، ڪراچي.

پهريون ايڊيشن — آگسٽ 1995ع

**قيمت** -/90 رپيا

پڪي جلد سان -/115 رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

CHAND GALYOON - (Poetry) Written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad, Sindh, Pakistan. First Edition August 1995. Price per Copy Rs. 90/-
Book No. 194

Gul Hayat Institute

# انتساب

هائني کان گهٽو اڳي، پنهنجي ٻئي جنم، ميٿلي ٻوليءَ جي شاعر وِدّيا پتيءَ جي نالي -

هو ١٣٥٢ع ۾ مَڌُو بن ۾ ڄايو هو، جنهن جي معنيٰ آهي ”ماکيءَ جو جهنگ“. اُتي انبن جا جُهنڊا، سارِين جا کيت، ڪمند جي ٻوڪ ۽ تلاوَ هوندا ها، جن ۾ ٻاٻوڙا ۽ ڪنول ٽانيل هوندا ها. اُتي بسنت ۾ وونئڻ رتول ڦوٽهڙي سان ٻوڪجي پوندا ها، سانجهيون ڪومل ۽ ڪوسيون هونديون هيون ۽ سومهياٽيءَ جو ماٺهو گهرن کان ٻاهر ٻُٽ ۾ سُمهندا ها. اونهاري ۾ گهنگهور گهٽائون ٽانئجي وينديون هيون. ڏينهنَ برکا سان ڪاراٽجي ويندا ها ۽ جتي ڇِتي اُس ڇِپَندي هئي. اُتي هماليا جي چوٽين مان آڪاس جون ريکائون نظر اينديون هيون. مون بہ پنهنجيءَ جنم ڀوميءَ ۾ اهڙي مُند ماسَ ۾ گهاريو، جيتوڻيڪ اُتي وڏا پهاڙ ڪين ها.

هُن پيار جا امر گيت لکيا ها جن جِي اتهاس تي اَڻ مٽَ ڇاپ آهي. هن جون ناريون چيروِين اکين واريون هيون ۽ ايتريون نرم هيون جيتريون فاختائون ٿينديون آهن. هو وڄ وانگر وارڪا کائينديون هيون ۽ انهن جا مُنهن چندرمان وانگر سندر هوندا ها ۽ جيئن ڪنول اُس ۾ ٽڙي پوندو آهي، ائين اهي پيار ۾ ٽڙي

پونديون هيون. انهن جا وار رات وانگر ڪارا هوندا ها ۽ چڳون ولين وانگر هونديون هيون. انهن جو سياءُ ۽ هيءَ ساري سرشتي هنڪي ايترو موهيندي هئي، جو هُن پنهنجا سارا گيت اُنهن سان جهنجهي چڏيا ها ۽ انهن مان پيار مذو بن جي ماکيءَ وانگر ٽپڪندو هو.

ساڳيو لنئون ۽ پريتڙو منهنجي لونءَ لونءَ ۾ سمايل آهي ۽ وهي ان کي ڪومائي يا جَهڪو ڪري نہ سگهي آهي ۽ ڪويل جڏهن ڪوڪندي آهي تہ ان جي ڪُوڪ مون ۾ ساڳي ڪيفيت پيدا ڪندي آهي جا وڌيا پتيءَ ۾ پيدا ڪندي هئي. ها، ٻنهي ۾ ڪوئي فرق نہ آهي: هُن پنهنجا مذر گيت ١٣٨٠ کان ١٤٠٦ تائين لکيا، جيتوڻيڪ ١٠و ١٤٤٨ ۾ گذاري ويو پر ڏُنڌ ۾ هو مونکي پڇاڙي تائين گيت لکندي نظر اچي رهيو آهي. شايد هن جون کي سِٽون مون کي اجا ياد آهن ۽ اُهي جڏهن بہ مون لکيون آهن، مون کي هن جي سار آئي آهي ۽ جڏهن بہ مون پيار ڪيو آهي تہ مون کي هُن جا پيار ياد آيا آهن، خاص ڪري اُهي هَٽَ جي، پيارا مُنهن ڪنول جي گُلن وانگر پنهنجي ٻُڪ ۾ جهلي، پنهنجي چپن جي ويجهو آڻيندا هئا.

- شيخ اياز

نومبر ١٩٩٣ع

Gul Hayat Institute

# مهاڳ

جنهن وقت مون ڪنهن بزرگ دانشور کي ٻڌايو تہ مون 'چنڊ ڳليون' جي نالي سان پوري ڪتاب ۾ 'ترائيل' لکيا آهن تہ هن جو ردِعمل توقع جي خلاف نہ هو ۽ هن پنهنجي ترقي پسندانہ انداز ۾ چيو:

"هائڪو تو تہ چڱا لکيا آهن، پر هونءَ هائڪو غيرسنڌي صنف آهي. ساڳيءَ ريت ترائيل بہ غلاميءَ جي نشاني آهي."

مون هن کي ادب سان چيو:

"ترائيل تہ فرينچ شاعريءَ جي صنف آهي، اسين فرينچ قوم جا بہ غلام هياسين ڇا؟ فرينچ قوم جي حڪومت هندستان ۾ رڳو پانڊيچريءَ ۾ هئي. سنڌ تي ڪاهہ بہ پورچوگيزن ڪئي هئي ۽ نہ فرينچ قوم وارن. نہ وري اسان جپان جي غلاميءَ ۾ ڪڏهن رهيا آهيون. ٻي جنگِ عظيم ۾ هو برما تي قابض ها، جڏهن سڀاش چندربوس سندن ساٿي هو. پوءِ آسام ڏي امفال تائين وڌيا هئا. ناگاساڪيءَ ۽ هيروشيما جي تباهيءَ کان پوءِ جنگ بند ٿي وئي هئي.

هائڪوءَ يا ترائيل جو اسانجي غلاميءَ سان ڪهڙو واسطو آهي؟ ڇا توهان کان وسري ويو آهي تہ ٽيپو سلطان نئپولين بونا

Gul Hayat Institute

ڀارت کان هندستان جي آزاديءَ لاءِ مدد گهري هئي؟

ها، سانيٽ انگريزيءَ تان ورتي وئي ۽ انگريزن ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ واري وقت کان وٺي اسان تي راڄ ڪيو هو. پوءِ به سنڌي شاعريءَ ۾ سانيٽ به لکي وئي آهي، جيتوڻيڪ اُها اڃا ڪامياب نه ٿي سگهي آهي. نظم ۽ آپيرا ته بلڪل انگريزيءَ ۽ ٻيءَ مغربي شاعريءَ جي صنف آهي. نظم جي اسلوب ۾ جيترا تجربا مون ڪيا آهن، اوترا دنيا جي ٻي ڪنهن به شاعر نه ڪيا آهن ۽ اُهي اڃا تائين سنڌي ادب مسترد نه ڪيا آهن.

ڇا توهان اهو به چئي سگهندا ته غزل فارسيءَ جي صنف آهي ۽ غلاميءَ جي نشاني آهي؟ غزل جو فارم ته فارسي غزل وارو آهي پر ڇا اسان اُن جو مزاج بدلائي نه ڇڏيو آهي؟ هن وقت اهو نج سنڌي شاعري آهي."

اِهو ٻُڌي هن جي چپن تي مرڪ آئي، ڇا هِن ۾ غلطيءَ جي احساس جي ڏارِ وانگر ٿي لڳي. مون ڳالهه جاري رکندي چيو:

"ڇا بيت، هندي سورٺي تان نه ورتو ويو آهي؟ ڇا ٻنائيءَ وائيءَ جي صنف ٻُلا شاهه تان ورتي هئي؟ ڇا پهريائين شاهه حسين ڪافي پنجابيءَ ۾ چئي يا نانڪ يوسف ۽ خوش خير محمد سنڌيءَ ۾ چئي؟ ڇا دوها سنسڪرت ۽ هنديءَ ۾ اڳ لکيا ويا ها پوءِ اهي سنڌي صنفون ٿي ويون آهن. ڇا مون بيت ڪونه لکيا آهن؟

مون ايترا بيت ۽ سلوڪ لکيا آهن جو شاهه، سچل ۽ ساميءَ جا سڀئي بيت ۽ سلوڪ ڪٺا ڪندؤ تڏهن به تعداد منهنجي بيتن

Gul Hayat Institute

جو انهن سيني جيترو هوندو.

دراصل سوال آهي تجربي جي ڪاميابيءَ جو. جي هائڪو، ترائيل، سانيٽ وغيره ۾ تجربو ڪامياب ٿيو ته اسان انهن کي سنڌي ٻڻائي سگھنداسين. اسان ترائيل جو فارم اردوءَ تان ورتو آهي. ڇا ان جو انگريزيءَ ۾ اُچار Troilet آهي ۽ مون کي اهو لفظ ڪنهن ڊڪشنري ۾ نظر نہ آيو آهي ۽ نہ ڪوليئرس انسائڪلوپيڊيا ۾، پر Reader's Digest Great Encyclopaed Vol.III Dictionary ۾ هيئن لکيل آهي:

*Triolet:- Eight line poem with two rhymes (a b aaa b ab) in which the first line is repeated as lines 4 & 7, and second line is repeated as line 8.*

مون ڪافي فرينچ ادب انگريزي ۽ اردوءَ ۾ ترجمي جي ذريعي پڙهيو آهي. پر بہ مونکي اردو ترائيل جو ترنم پسند آيو آهي جو فرينچ يا انگريزيءَ ترائيل وانگر نہ آهي. اُن جو فارم واقعي ساڳيو آهي پر ترنم ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. مون سنڌي شاونيٽ (ويڙهاڪ وطن پرستي ـ شاونزم) جي ڳري نڪتہ چيني (Diatribe) ايترا پيرا ٻڌي آهي جو هاڻي اها ٻڌي ڪو تعجب نٿو اچي. دراصل ادب جو سارو ورثو بين الاقوامي ورثو آهي. اُن جو قوم پرستيءَ سان واسطو نہ آهي. پنهنجيءَ شيءَ سان پيار فطري آهي پر اُن جي ڪائي حد آهي. جي ڄيٺمل پرسرام گوئٽي جي فائوسٽ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سگھي

ٿو ۽ تيرٿ وسنت شيڪسپيئر جي هئمليت جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سگهي ٿو تہ اسان مغربي ناٽڪ ۽ سانيت جو فارم بہ اپنائي سگهون ٿا.

انهيءَ مهربان دانشور کان جي مان پڇان ها تہ ڇا ابي سينا جو طب ڪافي آهي ۽ ائلوپٿيءَ جو مطالعو اجايو آهي تہ يقيناً جواب 'نہ' ڏئي ها ۽ نہ وري چئي ها تہ ائسترانامي‌ءَ کان علم جوتش چڱو آهي. دراصل هن جي طبيعت ۾ اهو تضاد قوم پرستيءَ ۽ تعقل پسنديءَ ۾ توازن جي غيرموجودگيءَ سبب آهي. هر پرائيءَ شيءَ کان پاڻ تي ايترو وڏو لوڙهو بہ نہ ڏجي، جو افق ئي نظرن کان اوجهل ٿي وڃي.

ترائيل جا تجربا اردو يا سنڌي ادب ۾ مان پهريون ڀيرو نہ ڪري رهيو آهيان، پر اردو ۽ سنڌي ترائيل رڳو

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن، ۽ غالباً مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن جي وزن تي جوڙيو ويو آهي. مون ان ۾ تجرباتي طور ٻيا وزن بہ پهريون ڀيرو ڪم آندا آهن ۽ گهاڙيٽن کي بہ ڪڏهن ڪڏهن ڦيرايو آهي. ڪَن رَس کي پسند اچي تہ قبول ڪيو وڃي ۽ جي نہ اچي تہ ڀلي رد ڪيو وڃي.

شيخ اياز
١-١٢-٩٣

Gul Hayat Institute

تو نہ سوچيو آ ڪڏهن، موت تہ اِسرار نہ آ،

زندگيءَ ڪان وڌو اِسرار نہ آهي ڪوئي

چَندُ گل مهر مٿان عشق جو اقرارُ نہ آ

وقت درياهہ سهين، عشق جيان چار نہ آ

پَل مچين جيئن ٿا ترِڪن جي ڪوئي پيار نہ آ

عاشقيءَ ڪان وڌو اِسرار نہ آهي ڪوئي،

عاشقيءَ ڪان چڱو ڪو لوءَ ۾ تذڪارُ نہ آ،

تو نہ سوچيو آ ڪڏهن، موت تہ اسرار نہ آ.

Gul Hayat Institute

رات جو پويون پهر، هيءَ ستارن ٻُڌَ تر،
پو بہ رابيل اڃي جان ڏني خوشبو تُنهنجي!
ٿي پوي ماڪَ گُلابن تي هوا مان هرَ هَر،
دل چَوي ٿي تہ مِلين ڪاش ڪٿي تُون ٻيهر،
ٿو پَوي وهم تہ تو آهہ ڏنو دستَڪ دَر!
ٿي اچي واءَ منجهان جَڙ ٻِني خوشبو تنهنجي!
تُون ٿڙي آنهہ ڪٿي؟ ڪيئن چوان مان؟ ها، پَر...
دل چوي ٿي تہ مِلين ڪاش ڪٿي تُون ٻيهَر!

Gul Hayat Institute

تي وئي آ اُها زنجير، ڇني سگهندين تون؟
گل ڇني تو سگهين، خوشبو تہ اُتيئِي آهي.
جا سندس وارَ ڇُهي، هيرَ ڇِني سگهندين تون؟
عشق کان عشق جي تقدير ڇِني سگهندين تون؟
چنڊ کان يار جي تصويرَ ڇني سگهندين تون؟
جيءَ ۾ جي لڳو جادو تہ اُتيئي آهي،
هُو مٿي سمنڊ منجهان وِيرَ، ڇني سگهندين تون؟
تي وئي آ اُها زنجير، ڇِني سگهندين تون؟

Gul Hayat Institute

مون تہ تولاءِ وِڌيون، ڪالهہ نهارون ڪيئي
تون نہ آئين ءَ مگر رات تہ گذري ويئي!
ويو ٻُڏي چنڊُ، سنڌ ء سونهن جون سارون نيئِي،
تي پِرهہ - هيرا اچي هان نہ ٻارون پيئِي،
اُپ مِ نيت وسامي ويا تيرو تيئِي
رات هئي چار پَهر، رات تہ گذري ويئِي،
مون ٿڌو ساهہ ڀَريو، توکي ميارون ڏيئي،
مون تہ تولاءِ وِڌيون، ڪالهہ نهارون ڪيئي.

Gul Hayat Institute

رات بـــــارات جيان آئـــــي آ

اِئن لڳي تو اِجهو ڏولي ڀَهتِي
ڏُک جي ڏات جيـــان آئـــي آ،
گيتَ - برسات جيان آئي آ،
موتَ جي مات جيـان آئـي آ،
جيئن چشمو ڦُٽي ٻولِي ڀهتِي،
پيار جي جا بہ پرولي پهتِي،
چانـدنـي رات جيـان آئـي آ،
رات بـــارات جيـــان آئـــي آ.

Gul Hayat Institute

آهــ هــي پَنــڌُ ٻــ تــي ڏيــنــهــن تَتــيءَ واريءَ تــي
ٿِي چَوي جَڙ تہ ڪَڪَر–ڇانوَ تہ "مان اچٽي هان"
تِــو ڪــري ٻــولِڙيــون روز تِتر تــاريءَ تــي،
آلهــي سِجّ وَيــو زرد – مُنــهــين مــاريءَ تــي
تــون ٻــڌو نــانــهــ اجان، تَڳّ سنــدم تــاريءَ تــي.
گــهــا ڌَ وَت بــيــهــ نــ، مان گــهــيڙ سمورا جاڻان
هــيءَ ٻــي ڳالــهــ تـ اڄ ٻَگــهــّ نــ بــيــٺاريءَ تــي!
آه هــي پَنــڌُ ٻــ تــي ڏيــنــهــن رڳو وارِيءَ تــي.

Gul Hayat Institute

جڏهن اچين تہ اڳيون ڪيسُ ويڙهي ايندو ڪَر!

اُنهيءَ جي برت ۾ ڪيئي وَنيون ٽِڙيُون آهن.

جڏهن اچين تہ اڳي جئن سڳنڌ ڏيندو ڪَر!

گُلابَ ڪالهہ جيان چاهہ مان چميندو ڪر!

اڳي جيان نہ ڳُجهيون ڳالهڙيون سَليندو ڪر!

گهِٽيون لڪاءِ، جتي ڪيتريون ٽِڙيون آهن!

پَلي تہ بَندِ هجن،گهر مگر سَڏيندو ڪر!

جڏهن اچين تہ اڳيون ڪيس ويڙهي ايندو ڪر!

Gul Hayat Institute

اٺن لڳو ڄڻ تہ صدين جي ڪا ڪَهاڻي آئي،
گُلِ شَبّوءَ ڪي جڏهن تو مُڪو مون ڏانهن ڇُمِي،
اِئن لڳو ڄڻ تہ ڪا مهڪار پُراڻي آئي،
سالها سال اڳي جوتِ اُجهاڻي آئي،
پيار جي رات ڪَنول جيئن ڪُماڻي آئي
مون ڏنيون چنڊ ڳِليون تُنهنجي تمنا ۾ گهُمِي،
جئن وَتو نانءُ سنڌءِ ڪائي وَراڻي آئي.
گُلِ شَبّوءَ ڪي جڏهن تو مُڪو مون ڏانهن ڇُمِي.

Gul Hayat Institute

چانڊوڪي رات ۾ ڪچنار ڏٺي آهي تو؟
تُنهنجا چَپ يادِ اچن ٿا اُنهيءَ وانگر هاڻي!
چا سنڌم ننڊ ڪَڏهن، پيارَ، ڏٺي آهي تو؟
ٿي رهين ساهہ جيان، سارَ ڏٺي آهي تو؟
راتِ جي سانت ۾ وڏڪارَ ڏٺي آهي تو؟
ڪيئن گهرگهاٽُ ڇڏي، ٿي پُلين منهنجي پاڻي
پاڻ ڪان راتِ ڪڏهن ڏارَ ڏٺي آهي تو؟
چانڊوڪيءَ رات ۾ ڪچنار ڏٺي آهي تو؟

Gul Hayat Institute

اي پرين! تو نہ سوچي ڏٺو نياڻ ۾
چنڊ توکي ڏٺو آرسيءَ وانگيان!
ايتري روشني آنهہ تون پاڻ ۾
مون وسائِي بَتي پاڪُرين پاڻ ۾،
ڪيئن نہ جَرڪين پئي پيار جي چاڻ ۾،
چڙ تہ رابيل جي تازگيءَ وانگيان!
تون هُئين‌ءَ چؤطرف چاندنيءَ وانگيان!
*اي پرين! تو نہ سوچي ڏٺو نياڻ ۾.

Gul Hayat Institute

ٻارَ کي هَنجِ کڻي، ماءُ ڪِلي تي پيئي
جئن ڪَڪَر وِچّ چُمي، ايئن چُمي تِي تنهن کي
مورٽيءَ جيئن اگڻ منجهه تِلي تِي پيئِي
سِڪّ سان ڪيئن نه سَرتين سان ملي تي پيئي
مُڳ ڦليون ٻاررُرڪي، پوءِ چِلي تِي پيئي
چڻ اِجهو ٿيچ ٻٽيون، تيچ ڏئي تي جنهن کي
رت تَنهنجي ۾ سندس رتّ رِلي تي پيئي،
ٻار کي هَنجِ کڻي، ماءُ ڪِلي تي پيئي.

Gul Hayat Institute

سينڌ سُرمي ڪانسوا سونهن نہ وٽندي آ ڇا؟
سينڌ سُرمي ڪانسوا ڇو نہ اچين ٿي مون ڏي
سَرسُ سينگار بنا باتِ نہ بڻندي آ ڇا؟
چاندني چَنڊَ منجهان ايئن نہ ڇڻندي آ ڇا؟
وَلِّ ڇاتيءَ تي رِڳو ڳُلّ نہ ڪڻندي آ ڇا؟
واءُ ۾ ولِّ جيان ڇو نہ جُهڪين ٿي مون ڏي؟
سينڌ سُرمي ڪانسواءِ سونهن نہ وٽندي آ ڇا
سينڌ سُرمي ڪانسواءِ ڇو نہ اچين ٿي مون ڏي؟

Gul Hayat Institute

تون پِنيون پيار منجهان مونکي پسائين پيئي
جئن گهگي - گهيرَ اُڏائي تو پيو واچوڙو.
چَندَ کي ايئَن ڏِسي چا نہ لَجائين پيئي!
وارَ چوڙي تون گهٽائن سان گهٽائين پيئي!
وِجُ گجگوڙ ڪيا، تون چُني چائين پيئي
ريت ِجا ڍير اُڏائي تو پيو واچوڙو،
* پو بہ ٻَهڙو نہ ڪِريو، ڪيئن بچائين پيئي؟
تون پِنيون پيار منجهان مونکي پسائين پيئي.

Gul Hayat Institute

* ٻَهڙو: هڪبئي مٿان رکيل گهڙو.

تـــي ڪنــوَڻ ڪَنــج ڏنـا، رات ونــو هــو ســانــوَڻ
جيـڏن چوُنري مان نِهاريو تي گهٽائن ڏي تو!
تـو طـرف ئِي تـو ڏسـي بـاک جو سـائو وَڻ ٿَڻُ!
تـا ڪَڪَر ساتُ ڏِين. جيئَن پئي هَڪـلِين ڏَڻ!
۽ وَلـيُون واجهـ وِجهن ايئن، وِجهي جِئن واهـڻ!
ڳاتَ ڳِيـرن جا ڏسـي، تـــي ڏنــو پـائُن ڏي تـو،
تـو گـهـٽـا بـار ڏنـا ڪَنـڌَ، کُهـاڙيـون، هَڻُ هَڻُ!
* تـــي ڪِنــوڻ ڪَنــج ڏنـا، رات وُنــو هــو ســانــوڻ!

Gul Hayat Institute

---

* ڪَنج: عاج جي ٻانهين.

اُداس راتِ، پيو چَنڊُ ٿو ڳِليون ڳولي
خبر نہ آهہ تہ ڪيڏانهن تون هلي وئي آن!
پئي سَراءِ اڱڻ ۾ گُلاب ڪي قولي،
سُڳنڌ جيئن وَئي آنهہ ڪنهن تہ تون ٽولي!
پَکي پِرهہَ جو جڏهن بولَ ٿو پيو بولي،
ٻُڌي تون بولڙيون، چو اِئين ڇُپي وئي آن؟
خبر نہ آ تہ سنڌ ءِ رازَ ٿو پيو ڪولي!
خبر نہ آهہ تہ ڪيڏانهن تون هلي وئي آن؟

Gul Hayat Institute

هتي تہ ساهہُ مُنجهي ٿو، ڪٿهن تہ پنتي موٽُ!
ڪٿهن تہ آءُ ٿڌيءَ هِير وانگيان مون ڏانهن!
هِتـي تــہ پَنّ بــہ لـوڏي نــہ ٿــو پـيـو اڪـروٽُ،
پـهــاڙ-پَنـڌُ اڪـت ٿـو لـڳي، پَري آ ڪــوٽُ!
وڏيِ اُسـات وَئِي، جَڙ تــہ آ ڪَلـيءَ ۾ ڪــوٽُ!
ڪٿهن تہ آءُ نديءَ نِير وانگيان مون ڏانهن!
متان وَري نہ مِلي هيِئن توکي گهوڙي گهوٽُ
ڪٿهن تہ آءُ ٿڌيءَ هير وانگيان مون ڏانهن.

Gul Hayat Institute

ڪڏهن تہ آءُ چُمي ڏينم چانڊنيءَ وانگر.
ڪڏهن تہ آءُ هَٽي رات جي هتان ڪارنهن!
رهي نہ موتُ، ڪڏهن آءُ زندگيءَ وانگر،
شرابِ ناب بڻي آءُ سَر خوشيءَ وانگر
اِئين نہ آءُ رڳو ڪينہ پروريءَ وانگر
اچِي ٻُڌاءِ تہ سازش اِها سِٽي آ ڪنهن؟
ڪَڏهن تہ پير پري آءُ دوستيءَ وانگر
ڪڏهن تہ آءُ چُمي ڏينم چانڊنيءَ وانگر.

Gul Hayat Institute

لڳي ٿو ڪُوهہَ ۾ پاڻي وَڏي ويو آهي
جڏهن بہ چيلهہ مٿان تون گهڙو کڻي نڪتينءَ.
گهلي ٿي هِير ائين جڻ ڪِٿي وُنو آهي
ڪَڪر گجن پيا جِئن ٿو ڇڏيو ڳِلو آهي
اڃا تہ چُپِّ ڪٿي سِڄّ جهانجهرو آهي
جِهمي پيو جُهڙ تون جڏهن سڪِي نڪتينءَ،
اِجهو هُو ڪوهہ، هِتان پندُ ٿورڙو آهي!
لڳي ٿو ڪوهہ ۾ پاڻي وَڏي ويو آهي.

Gul Hayat Institute

نہ هيئَن شعر لئو مينهن جيئن اڳُ ڪنهن تي،
مدام نانهہ حياتي اجا لکي وٺ ڪجهہ
ملي ويو نہ ڪڏهن آهہ هيئَن ڏڳُ ڪنهن کي
اُجارَ هيِئن تہ وِرلي ڏٺي ٿو جڳُ ڪنهن کي
سَليو نہ سونهن اکينِ آهہ سارو سَڳُ ڪنهن کي
اجان بہ جيءَ ۾ جهاتي، اجا لکي وٺ ڪجهہ!
ڪيو نہ موت ڪڏهن ايِئن اَڳُ مَڳ ڪنهن کي
نہ هيئن شعر لئو مينهن جيئن اڳ ڪنهن تي

Gul Hayat Institute

خبر نہ آھہ گھٽا مئڪدا ڳُتائيندين!
بہ چار جام اجا پيءُ، نيت ھلڻو آ.
ڏسان بيو تہ صراحيون اجا بہ پيئيندين،
اھا اُسات نہ جاڻان ڪڏھن ٻُجھائيندين
پتو نہ آھہ تہ مدھوش تون ڪڏھن ٿيندين!
بہ چار ڏينھن پلي جيءُ، نيت ھلڻو آ.
رھو خمار اِھي پاڻ سان کڻي ويندين.
خبر نہ آھہ گھٽا مئڪدا ڪُتائيندين!

Gul Hayat Institute

سرنهن جي چانو ۾ ويهي رهو ٻه چار گهڙيون
اجان ته پنڌ پري آ مسافرو پنهنجو!
رُڪاوٽون ته هيون راهه ۾ هزار ڪڙيون،
هَلِيهءُ تي تيز سُوارو هٽي، اَڙين تي اَڙيون،
ڪُٽن ڪٽي اِهي تقدير جون ڪڙين تي ڪڙيون!
ڪٽي نه آهه اجا پنڌ جو ڀُنو پنهنجو؟
ٻَريان سڏِين ٻِيون جڙ ڪٽان رڙين تي رڙيون!
سرنهن جي چانو ۾ ويهي رهو ٻه چار گهڙيون.

Gul Hayat Institute

ٽُٽي ويون تہ چُٽيون، ميڙ تون پَلي شيشا،
دليون نہ جوڙ، دليون آئيني جيان آهن
ڏني نہ تاڪئُين دل جيئن ڪنهن بہ شيءِ بي ڪا!
اڳي بہ آهہ ٽُٽي، عشق تي ويو ٽڪرا،
سنيالِ! هيل بہ نازڪ آتي اِهي رشتا،
ٽٽي پيا تہ ويا، جام وانگيان آهن.
ڦُڙيون ڦُڙيون نہ ڪَنيون ڪَرِ اِهي نہ بيا پيالا!
ٽُٽي ويون تہ چٽيون، ميڙ تون پلي شيشا.

Gul Hayat Institute

ملين تہ اڄ ئي ملي وڃ، سُڀان ھُجان نہ ھُجان!

خبر نہ آھہ، گھڻا ڏينھن زندگي آھي!

سڀاڻي سج نہ نڪري مٿان گھٽائن مان،

سڀاڻي نھڪ نہ ٻڌجن مٿان فضائن مان،

سڀاڻي مھڪ نہ ايندي ائين ھوائن مان،

اڃين تہ راھہ ۾ رابيل اڄ ٽڙي آھي،

وري سڳنڌ اِئين پئي اچي ڪٿان نہ مٿان!

ملين تہ اڄ ئي ملي وڃ، سُڀان ھُجان نہ ھُجان!

Gul Hayat Institute

پتو پيو تہ سياست فريب هُئي يارو!
پتو پيو تہ فقط شاعري ڄڳي آهي.
پتو پيو تہ اهو خواب ئي هُيو سارو،
هُيو نہ رات منجهان ڪو بہ چَنڊَ جو چارو.
اِئين لڳو تہ ڪيم موت کي ڳچيءَ ٻارو،
جِتي بہ، جيئڻ بہ آ، زندگي ڄڳي آهي،
اِئين بہ ناهہ تہ هر چيز آ ڪِڪيءَ ڪارو.
پتو پيو تہ سياست فريب هُئي يارو!

Gul Hayat Institute

اجا تہ ننڊ منجهان تي ڌري اُتي ڏارو،
اجا تہ جَنڊُ پيو پيسجي اڳي وانگر!
اجا عوام اڳي جِيئن آهہ ويچارو،
اجا تہ ٻاک ڦُٽي نانهہ اي وطن وارو!
ٻُڌي ويو آ وَري تيرگيءَ ۾ تارو،
اجا تہ هانءُ پيو هيسجي اڳي وانگر
اجا نصيب مٿان آهہ ڪو ڪڪر ڪارو!
اجا تہ ننڊ منجهان تِي ڌري اُتي ڏارو!

Gul Hayat Institute

اجا تہ سمهہ، خدائي سُتي پئي آهي
اجا تہ چَنڊ پيو آسمان مان گهوري!
جتي بہ پنڌ ۾ تنهنجي جُتي پئي آهي،
اُتي لڳي تو اجا تائين روشني آهي،
خبر نہ آهہ نئين وات ڪا نهي آهي!
پَيو اجا هُو زمان و مڪان مان گهُوري،
اجا نہ آهہ ڪُٽِي، زندگي ٻَٽي آهي،
اجا تہ سُمهہ، خدائي سُتي پئي آهي.

Gul Hayat Institute

خدا پيو تو سجيءَ ڪائنات مان گهوري
خدا جي ذاتَ ۾ جيڪي ڪَرين، چڱو آهي
ائين ٻـ نانهہ تہ هرڪو سُتو اکيون ٻُوري،
اکـيـون ڪِروڙَ اَتِي آسمان جي ڪوري،
خدا پيو توکي ذات و صفات مان گُهوري
اجا بہ چُونڊ، جي ٻُٺ تي وَرين، چڱو آهي
جئين تو چنڊ ڏِسي هيٺِ رات مان گُهوري
خدا پيو تو سجيءَ ڪائنات مان گُهوري.

Gul Hayat Institute

خدا جي ڳُجهه ۾ ڇا لاءِ تـــــو پوَڻ چاهـــــين؟

خدا جو ڳُجهــ پـلا ڪـنـهـن اجا لـڌو آهـــي!

نــچي تــو مــور اُهــو چو نـــ تــو ڏســڻ چاهــين؟

ڪَڪَر جي ڪورَ تـ ڏِس، تون تـ سا نـ ٿو ناهين!

وَلـيون پـٽُن تي ٽِڙن ڪـيئن ٿيون، جي ساڃاهين!

اِهــو بـــ رازُ وســيــهِر ڪــٿــي لِڪــو آهـــي،

ڇگُو تــ آهـ اِئين ڪـاهـِ جئن پـيـو ڪـاهـين!

خُدا جي ڳُجهـــــ ۾ ڇا لاءِ تـــو پوَڻ چاهـــين؟

Gul Hayat Institute

ڪِناري ساڻُ اُجھاڻل ٻه جھوپڙيون آهن
اُداس چنڊ تري تو اُداس مَنڇر ۾!
اِئين اُداسُ اُجھاڻل سنڌ ۾ اڪيون آهن
صديون ٿيون ته نه ٻيڙائتون ڏٺيون آهن،
ڪَتين ڏِيا ٿيون هوا ۾ اُجھامٽيون آهن،
اُنهن جا هاڻِ جَهڪا عڪس تا لڳن جَر ۾
خبر نه آهه ته آڙٻُون ڪٿي لَٿيون آهن،
ڪِناري ساڻ اُجھاڻل ٻه جھوپڙيون آهن.

Gul Hayat Institute

پرهه جي هِير ۾ رابيل جئن ٽِڙن ٿا پيا  
ائين لڳي ٿو جوانيءَ ۾ ٿون ٽِڙي آهين!  
وهن ٿيون ڪنگريون، ڪوهه جڻ ڳِڙن ٿا پيا،  
سندءِ وجود مان نغما اِئين ڇڙن ٿا پيا،  
اَجان گلاب ڪِڙن ٿا پَوَنر مڙن ٿا پيا  
ٻه پل ته ويهه، اِئين ڇو اُتامڙي آهين؟  
پياڪ سُونهن ڏسي، ڪيترو ٽِڙن ٿا پيا!  
پرهه جي هِير ۾ رابيل جئن ٽِڙن ٿا پيا!

Gul Hayat Institute

هو فونِ ـ تارَ مٿان ڪيترا پکي آهن
اُهي پيام ته چاڙن وچن پيا ٿا جي!
اِهي سَتاوَ اندر هونءَ گيتَ ٿي آهن،
مَري وڃن ته ڪري ٿا پَون مِٺي آهن
ٻه ٿي گهڙيون نه هوا منجهه ڦَڙڪِٽي آهي،
خبر نه آهه ته چاهِن مَرن پيا ٿا جَي!
لٿي آ شام اُتي ئي اڃان سکي آهن.
هو فونِ ـ تارَ مٿان ڪيترا پکي آهن!

Gul Hayat Institute

ڇا سبب اِئن تو جواني ڏئي، موٽائي وَتي؟

ڇا سبب ايئن اڇي تو نہ وري آئين آن؟

مون نہ ڄاتو هو تہ ٿيندي آ اُڪنڊَ ايئن اَتي

ٿي اَچين جيءَ ۾ جگنوءَ جِي جئين چَنڊَ ٻتي

پيارَ جي سارَ اِئين آهہ جِئين مَڌُ مَتي،

روح ۾ ايئن رچي تون نہ وَري آئي آن

جئن ڪڪر ڇانوَ ڏِين، جيئن اڇي مُند ڪَتي!

ڇا سبب اِئن تو جواني ڏِئي موٽائي وَتي.

Gul Hayat Institute

ڪيئن چئجي اسان ٻيهار مِلون يا نہ مِلون!

ڪيئن چئجي تہ مُلاقات وَري ٿِي ويندي!

وقت درياھ، تَرِي تارِ، مِلون يا نہ مِلون!

آن ۽ هِن پارِ، تون هُن پار، مِلون يا نہ مِلون!

ڪيئن چئجي تہ گهڙيون چارِ مِلون يا نہ مِلون!

ڪيئن چئجي تہ برھہ-بات وَري ٿي ويندي!

آہ اوچي اجا ديوارِ، مِلون يا نہ مِلون!

ڪيئن چئجي اسان ٻيهار مِلون يا نہ ملون!

Gul Hayat Institute

رات جو ريت کي جنهن وقت اُڏائي ٿي هوا،
تا سنڌ ۽ روپ جيان چنڊ سِتارا ٿمڪن.
تو بِنا نيرَ جيان چڙ پئي گهائي ٿِي هَوا
تُنهنجي خوشبوءَ ۾ سڄي رات سمائي ٿِي هَوا
تُنهنجا رابيل پٽي چڙ تہ پَسائي ٿي هَوا،
گڏُ پَل جي بہ گُذاريا تا اُهي رم جهم ڪَن
ٿي اچي سارَ سَنڌ ۽ روز سَتائي ٿي هوا
رات جو ريت کي جنهن وقت اُڏائي ٿي هوا.

Gul Hayat Institute

ڏات توکي نہ ڏني آھہ خُدا، مان ڇا ڪيان!
چَنڊُ ڪشتي نہ جَھليندءِ، تون ڀلي سَڏ اُن کي!
ڪو پيام آندو نہ تولاءِ صَبا، مان ڇا ڪيان!
گُل سبي نانھہ اگر تنھنجي قِبا، مان ڇا ڪيان!
نہ شفق ٿي ڏني تولاءِ صدا، مان ڇا ڪيان!
نہ اُھا گُل پَني ڏيندءِ، تون ڀلي سڏ اُن کي!
شعر مون لاءِ اگر پاڻَ ڇڏيا، مان ڇا ڪيان!
ڏات توکي نہ ڏِني آھہ خدا، مان ڇا ڪيان!

Gul Hayat Institute

تو ڪَنا ڪوڏَ ڪَنڌيءَ تي جي ڪَيا، ڇا تي پيو!
تون بہ شاعر آن مگر شعر تہ ٻي شيءِ آهي.
ڪوڏَ ۾ سَمنڊ جو آواز ٻُڌو آهي تو؟
شعر ڪهڙو جي منجهس سَمنڊُ نہ سارو ڇُلڪيو!
شعر تولاءِ اِئين آهہ جِئين رانديڪو.
سَمنڊَ ۾ ڳُتَّ نہ ڏيندين تون اهو طئي آهي.
تون رڳو ٻارَ جيان رانڊِ رچائين وينو.
تو ڪَنا ڪوڏَ ڪنڌيءَ تي جي ڪَيا، ڇا تي پيو!

Gul Hayat Institute

گُل سَرءُ واءُ ۾ ڪنهن وقت ڇَڻي ويٺو آ،
آءُ سُرهاڻ کي پَڪڙيون، تون ڇڏي ڏي گُل کي!
گُل گهڙيون چارِ، هوا مَنجهہ لُڏي ويٺو آ،
هو اُترڙي ۾ پرين پار هلي ويٺو آ.
ڇا تون سمجهين ٿو تہ هو توکان پُڇي ويٺو آ؟
شعر ۾ تون رکين سُرهاڻ کي جيڪر سانديي!
هَن جيان شعر تہ تُنهنجو نہ مَري ويٺو آ،
گُل سَرءُ واءُ ۾ ڪنهن وقت ڇَڻي ويٺو آ.

Gul Hayat Institute

زندگي چٽنگ جيان نيٺ وسامي ويندي.

چٽنگ جي لاءِ جياپو تہ گھڙي پَل آهي!

هوءَ ستارو تہ نہ آ جو سدا جھل مل ٿيندي!

سچّ جئن نانھہ، گھڻو وقت حرارت ڏيندي؟

ڪڙ ڪبيتي جان اُجهامي، وري اُڀري ايندي،

جاڻ ان جي بہ اجا تائين نہ ڪنھن کي ناهي!

پر مجي دل تہ نہ ٿي بس ائين ڪامي ويندي!

زندگي چٽنگ جيان نيٺ وسامي ويندي!

Gul Hayat Institute

چَنڊ! رابيل ڀري رات نہ رهڻي آهي.
ڇو نہ ڄاتوم تہ ڪنهن وقت جواني ويندي!
ڇا ڪندو هيءُ ڇَپَرُ ڄانوَ تہ لهڻي آهي،
ڇو نہ ڀاتوم ندي ڪيترو ڪَهڻي آهي!
نيٺ هي ناوَ ڪڏهن پارِ اُسهڻي آهي،
ڇو نہ ڄاتيوم تہ ڪيڏانهن رواني ويندي؟
ڪيترو سانت ڀَريان سَمنڊَ - سُمهڻي آهي!
چَنڊَ! رابيل ڀري رات نہ رهني آهي.

Gul Hayat Institute

چنڊ جي ڪَڍّ نہ پوَ، چنڊَ نہ ڪنهنجو ٿيندو،
ڪو مسافر نہ ڪَرين يارُ تہ بهتر آهي.
ڳُل نہ پنجاڻِ ڪڍهن، ڇڏ پيو خوشبو ڏيندو!
ڪوڙڪيون آڏ نہ، ڇڏي ڏينس، تِترُ پوليندو،
ڪيئن ڇئجي تہ ڪٿي مينهُن ڳهنائون ٿيندو،
مون ڪَنان جي نہ پڇين پارُ تہ بهتر آهي؛
ڪيئن ڇئجي تہ اڳيان ڇاهي، اڳيان ڇا ايندو!
چنڊ جي ڪَڍّ نہ پوَ، چنڊُ نہ ڪنهنجو ٿيندو.

Gul Hayat Institute

مور گهنگهور گهٽائن کان جدا تيو آهي؟
تون متان سمجهين تہ مون کان تون وَئي آن وسري!
رقص هن جو نہ صدائن کان جدا تيو آهي،
عشق کنهن وقت وفائن کان جدا تيو آهي؟
جئن بَسيرو نہ سَرائن کان جدا تيو آهي
سارَ تُنهنجي کان سوا نانهہ گهڙي کا گذري،
ڪوئي گذريءَ جي غفائن کان جدا تيو آهي؟
مور گهنگهور گهٽائن کان جدا تيو آهي؟

Gul Hayat Institute

جي وِساريان ٻه تہ وِسرن نہ ٿيون تنهنجون ڳالهيون
ڪيترا سال ڪيون روح - رهائيون تو سان!
تون هئينءَ ڪير؟ اڪيون ڇو هُيون تو لئہ آتيون؟
جيئن گُل مهر مٿان چنڊ وِڏيون ٿي جهاتيون،
اِيئن تو ساڻ گذاريون مون چُميندي راتيون،
راهہ تي ڇانہ ڇِٽيون چاندنيون ماڻيون تو سان!
ٿيون اچن ياد ڪِئي ٻاڪَ - پِنيون برساتيون،
جي وِساريان ٻه تہ وِسرن نہ ٿيون تنهنجون ڳالهيون.

Gul Hayat Institute

ڪلهہ چڏي چَنگَ چَڙا آنءُ ڏنو تي توڪي،
تون جدا ناٿهہ مِلان يا نہ مِلان مان توسان!
ڪا خبر ناهہ تہ چا چَنڊَ چيو تي توڪي!
هيءُ ڄاڻان تہ وَري سِيرَ سڏيو تي توڪي،
هي بہ ڄاڻان تہ پِرينءَ پار چڪيو تي توڪي؛
مون ٻُڌا سَڏَ، ٻُڌان يا نہ ٻُڌان مان توسان؟
تون ٻُڌي وئينءَ تہ رڳو چنڊَ چميو تي توڪي
ڪلهہ چڏي چَنگَ چَڙا آنءُ ڏنو تي توڪي.

Gul Hayat Institute

ڳڊَ چرڪن ٿا تہ ھي ننڊَ نھوڙي نينڊِي،
چَنڊُ جنھن وقت پھاڙن تي وجھي ٿو پاڇو.
ننڊَ درياھہ، اَچي ويئي تہ ٻوڙي ويندي
راتِ جي آرسي توڙي ڪائي گولي ايندي
جي سڄو وقت پَئي جاڳَ چِلانگُون ڏيندي
پو شڪارين جو مَٿانئس نہ ڪو پوندو پاڇو
ڪنھن چيو آھہ تہ آ ننڊ ندوري ٿيندي؟
ڳڊَ چرڪن ٿا تہ ھي ننڊَ نھوڙي نينڊِي.

Gul Hayat Institute

هي سَرءُ واءُ وڪيڙي تي ڪَڪا پَن ڪيڏا!
گُل ڇَڻي ويا تہ نظر ڪونہ اچن ٿا پوپَٽَ.
ڪالهہ خوشبوءَ ۾ پيا رنگَ اُڏامَن ڪيڏا!
ڪالهہ سانوَڻ هُيو، سانواڻِ ٿيا بَن ڪيڏا!
تو نَوان نينهن ڪَيا، ڪالهہ ڪَڏي مَن ڪيڏا!
اڄ نديءَ نانهہ رَواني، نہ اَهي گَهيڙَ نہ گهٽ!
ڪالهہ جئن چَپّ چُمي، مُنهن ٿياوَن وَن ڪيڏا!
هي سَرءُ واءُ وڪيڙي تي ڪَڪا پَن ڪيڏا!

Gul Hayat Institute

هر مَسرَت ڪان اِئين دُور رهان مان ڪيسين؟
چنڊ نڏيءَ ۾ رهي، دُور رهي جئن اُنَ ڪان!
هر محبَت جا رڱو درد سهان مان ڪيسين؟
نہ ڪنهن لڪ ڪِٽي، نِت ڪهان مان ڪيسين؟
هر سيڻن جي وهايان تہ اجان مان ڪيسين؟
چنڊ جا لڙڪ تہ ڏس، ڪئن نہ وهن ٿا اَن مان
اُنءَ آهيان نہ سهين، پوءِ بہ نہ هان مان ڪيسين؟
هر مسرت ڪان اِئين دور رهان مان ڪيسين؟

Gul Hayat Institute

زنـدگـي رات جيـان نـيـت وهـامـي ويـنـدي
خواب ۾ خواب هُئي چڻ تـہ محبّت تُنهنجي.
صـبـح جو پَهـر رهِي مـاڪ اُڏامـي ويـنـدي
سِج-لالاڻ انـڌيـري ۾ اُجهـامـي ويـنـدي،
ظـاهـري اِيئن لـڳو شـمـع وسـامي ويـنـدي
تـا اَبـد آهـہ اِهـو رنـج نـہ راحـت تُنـهـنـجي،
پَؤ نـہ ڪـر، چو تـہ اِها وَتِ نـہ ڪامي ويندي
زنـدگـي راتِ جيـان نـيـت وهـامـي ويـنـدي.

Gul Hayat Institute

---

تـو بِنـان نـيـڻَ - چُـئـاڪَـن ڪـي سِتـارا ٿـا چُـمَـن
تو بنان وائرو ٿـڦـڪيون ٿـو ڏئي جَڻ ڳل ڪي!
مَن بـ تـو لاءِ ٿـو تانگـهي، نـ اَچي چئـن هَٽَن.
تون اچين جي تـہ املتاسَ خوشيءَ ۾ جهومَن،
۽ پنـيرڪـي جي پنيءَ ماڪ ۾ رابـيل ٽِڙَن،
ٿـي چَوي جَڻ تـہ پـرَهـ - هيِر ٿَڌا ساهـ پَري
”اچ پـريـن پـيـر پَري، شالَ ڪـري پـال اچن!“
تو بِنان نيڻَ - چُئاڪَن ڪي ستـ چمَن.

Gul Hayat Institute

دل چوي ٿي تہ ڪڏهن واءُ وري وَرڻو آ

دل چوي ٿي تہ سدا ماڻهپو مرڻو ناهي،
دل چوي ٿي تہ وَري هيءُ سفر ڪرڻو آ
۽ اُنهيءَ لاءِ ڪَليتو بہ وَري پڙهڻو آ،
يا رَمِي راهہَ، ڪٿي دَڳّ مَٿي مرڻو آ؟
جو لکيو آهہ اُهو ڪيئن بہ ٽرڻو ناهي،
پل هجن جيترا هاتارَ، نہ پَر ڏَرڻو آ
دل چوي ٿي تہ ڪڏهن واءُ وري وَرڻو آ.

Gul Hayat Institute

تـون اچين جي تـہ سـنـدمر ٻانـهـون تـڙي تـاريـون ڪَن
تــو بـــنـــان آءُ لـــڳان سِيءَ ۾ تـــوهـــر وانـــگـــر،
تـو بـنـان چَنـڊَ مـنـجـهـان چِيـر، تِڪـيـون آريـون ڪَن؛
هـي پـرهَ هـيـر، پَنوهـاريـون تـيـون ٻـيـون ساريـون ڪَن،
جـئـن جُهـڪـن تـيـون تـہ گهـگهن منجهہ ٻيون ڏاريون ڪَن!
۽ اُتـن تـيـون تـہ ڪَـڪَـر-ڪـورَ سـنـدن ڪَر وانـگـر!
تـيـون جُهـڙالـيـن ۾ جِـئـين، يـادِ ٻـيـون يـاريـون ڪَن
تـون اَچين جي تـہ سـنـدمر ٻـانـهـون تِڙي تـاريـون ڪَن.

Gul Hayat Institute

ڪا خبر نانهہ تہ ڪنهن وقت چَوي موتُ تہ ”هلُ“
ڪا خبر نانهہ تہ ڪنهن وقت سواري آئي!
ها، اهي چاڙَ اتم، موت سفر آهہ اَتل،
دور لوڙهي تي وجي ڪا ئي اَچي لهر اجَهلُ،
آ غنيمت تہ حياتيءَ کي مليو آ پيو پَلُ،
ڪوڙڪي، ڪيرُ چَوي، ڪيئن تو ماري آئي!
تيستائين تہ ڏئي چالَ پئُن يالَ نہ پُلُ!
ڪا خبر نانهہ تہ ڪنهن وقت چَوي موتُ تہ ”هَلُ“

Gul Hayat Institute

تون اڇين ٿي تہ سندمر چٽن ڪسين ٿي مون ڪان!

تون وَٺي آنهہ تہ موتِي نہ وري تون اَڇجانءِ!

تو سوا گُل تہ اُئين ٿِي آ گلابي تو جان!

تون نہ اِئن ڀانءِ تہ خوشبو بہ هلي وئي تو سان!

مور جا ڪَنپ ڪڙن اڄ بہ پيا پَل پَل مان،

زندگي قوسِ قزح آهہ، نہ بيهر نچجانءِ!

تون تہ هڪ رنگ هُئين، سنگ هُئين جان جانان،

تون اڇين ٿي تہ سندمر چٽن ڪسين ٿي مون ڪان!

Gul Hayat Institute

واءِ ۾ گُل ڇڄَــي دربــاد ۾ تــرنــدو ويــنــدو.
ڇو جوندو نہ ڪڏهن هُو بہ هيو تاريءَ ۾؟
پر جو گيـت پـيـو سيـر ۾ ٻَرنـدو ويـنـدو،
شام ٿيندي، تہ شفق ڏانهن اُڪرندو ويندو،
رات ٿـيـنـدي تـہ سـتـارن ڏي اُڏرنـدو ويـنـدو
چٺنگ اتڪي نہ پئي رات ڪڏهن ڪاريءَ ۾؛
چنڊَ سان پو بہ سندس ساٿ وِسرندو ويندو.
واءَ ۾ گُل ڇڄَــي دراه ۾ تــرنــدو ويــنــدو.

Gul Hayat Institute

ڄامر شوري جي هوائن ۾ تون،  
هِي نما شامر، نديءَ ۾ سورج!  
جڻ تہ ڳُل مَهَر فضائن ۾ تون!  
سَروَ جهوميا تہ ادائن ۾ تون،  
۽ پَرندن جي صدائن ۾ تون!  
هي اَملتاس جِيان توتي ڳَج!  
ڇو ڇپي آنهہ گهٽائن ۾ تون؟  
ڄامر شوري جي هوائن ۾ تون.

Gul Hayat Institute

راتِ جو رند خرابات ۾ جهُومن بيتا.
جامَ تي جامُ ڀري ڏين پيا هر ڪنهن کي.
رات گُذري وَئي. پريات سان اُيرن بيتا
سجَ کي لاتَ وِجهي، جامَ اُيا ڪَن بيتا
تا جهُڪي هين ڏسي. وڻ به پِياڪَن بيتا.
هي وِلايت نہ ملي نانهہ اڳي جنهن تنهن کي
پَلَ ۾ جڻ تہ صدين مان اُهي گُذرن بيتا!
راتِ جو رِند خرابات ۾ جهُومن بيتا.

Gul Hayat Institute

زندگي غور سان ڏسجي تہ رڳو خواب آهي.

خواب سچو تو لڳي، ساري حقيقت ڪُوڙي!

اِئن روان آهہ جنين آبَ ۾ مهتاب آهي!

تو فسانو نہ ڪَٿي باب پٺيان باب آهي!

سِج آ سج پٺيان، تاب مٿان تاب آهي!

ٿورڙو سوچ تہ آ سارِي حرارت ڪُوڙي!

موت ڪان پوءِ سچو تاب بہ ناياب آهي،

زندگي غور سان ڏِسجي تہ رڳو خواب آهي.

Gul Hayat Institute

آءُ دارا سان ملاقات ڪٿي تي ويندي!
آءُ ماضيءَ ۾ ڦري آءُ بہ تي ڏينهن ڪَڏهن!
ڇا پَسايانءِ اُهو ڪَنڌُ ڪپيو آهي ڪَنهن؟
موتَ کي تخت پُنيان ڪنهن بہ ڏٺو ناهہ جڏهن،
تو ڪَري ڪيسَ، سَتائيس ستم تو نہ تڏهن،
موت ايندو تہ عَيان بات ڪڏهن تي ويندي،
آءُ دارا سان ملاقات ڪڏهن تي ويندي.

Gul Hayat Institute

اي ميان! ذاتِ خرابات مٿان واري ڇڏ!
تون ٿو ائين ڪٿين، جيئن ڪٿي ڪو ساغر!
اي ميان! اهلِ سياست کي پريان ٿاري ڇڏ!
ذاتِ سان دين مذاهب به سڀئي ڏاري ڇڏ!
ساهه ۾ سپ اٿي، ڳولِ، اُهي ماري ڇڏ!
تون ڪٿو ايئن ڪٿين، جِيئن ڇڏي ڪوئي تر!
منزلون دُور اٿي، پير نه اِئن ناري ڇڏ!
اي ميان! ذات خرابات مٿان واري ڇڏ!

Gul Hayat Institute

رات سان رُوح نہ وِندراءِ، اِجهو باک ڦُٽي،
لاک لوئيءَ تي هنئين آهہ، اُفق چڙ تولاءِ!
ها، اِجهو رات ڪُٽي، رات ڪُٽي، رات ڪُٽي،
ها، اِجهو ننڊ ٽُٽي، ننڊ ٽُٽي، ننڊ ٽُٽي،
ٿا وڃن گهنڊ سوين، سڻ تہ سهين، سانت ڇُٽي،
چوطرف چڙ تہ پيو گونججي ڪارڻ تو لاءِ
هيل تائين تہ سنڌءِ ڪَنڌ پَئي ڪُوڪَ گُهٽي،
رات سان رُوح نہ وِندراءِ، اِجهو باک ڦُٽي.

Gul Hayat Institute

قافلا واٽَ وٺي، سَنکَ وڄائن ٿا پيا.

هي نئين راهہ، خبر ناهہ، ڪٿي ڪُنڍي آ!

هو اڳين وات ڇڏي، وِکَ وڌائن ٿا پيا

تي اِڃها باڪَ ڦُٽي، آس لڳائن ٿا پيا

گيتُ تي گيتُ ڇِڙي، پاڻ پُلائن ٿا پيا

راهہ کي زادِ سفر ناهہ، ڪٿي ڪُنڍي آ؟

بس، پَٽيوُن پيٽَ ٻڌِي، پَنڌُ پڄائن ٿا پيا

قافلا واٽَ وٺي، سَنک وڄائن ٿا پيا.

Gul Hayat Institute

چو اِئين پيار حياتيءَ سان ڇَڏائي ويئين؟

چنڊ سان ڳالهڙيون ڪونہ ڪريان تو هاڻي!

چو اِئين هٿ ڏِئي، پوءِ هَٽائي ويئين؟

رُتِ رابيل جي ڪيڏانهن آلائي ويئين؟

مُرڪ مُگري جيان ڇا لاءِ ڇپائي ويئين؟

هِير جِئن آئي هُئينءَ ڪيئن پِلي مون پاڻي؟

لُونءَ ۾ منهنجي لڳن چو اِئين لائي ويئينءَ؟

چو اِئين پيار حياتيءَ سان ڇڏائي ويئينءَ؟

Gul Hayat Institute

پُٽ تُنهنجا تہ نہ آهن، هُو پراوا آهن.
هَڏ جِن جا پيچي، ڏُوٽِي هي دُڪائِي آ تو!
چانڊني رات ۾ هنگلاج ڏي نڪتا آهن.
وَر وَڪَڙ واٽَ، اُنهيءَ ۾ ڪِئي دوڪا آهن.
تي مٿان وَلهہ وسي، مَڃ وِساٽا آهن،
بار بارَڻُ ڪري هِي اَڳ جلائي آ تو!
تو بري ماسُ، منجهس جيئرا شعلا آهن
پٽ نهنجا تہ نہ آهن، هو پراوا آهن!

Gul Hayat Institute

ڦهلندي چنڊ جيان ذات ذَسان ذَس تُنهنجي!
ڪنهن نہ ڄاتو تہ اِئين موت ڪي شهہ ڏِئي ويندين!
زيرِ بحث آهہ اَڃان ذات ذَسان ذَس تُنهنجي
موت ڪان پوءِ ڪندا تاتِ ذَسان ذَس تُنهنجي
تو ٻُڌان آنءُ برهہ- باتِ ذَسان ذَس تُنهنجي!
ڪنهن نہ ڄاتو تہ اَمر ٻولَ سوين چَئي ويندين!
شاعري جڻ تہ آ برسات ذَسان ذَس تُنهنجي!
ڦهلندي چنڊ جيان ذاتِ ذَسان ذَس تُنهنجي!

Gul Hayat Institute

آرزو ڪاب رَهي نانهہ، هتي جا روڪي،
اوچتو اوچتو ڪنهن وقت مَري ويندا سين،
ڇا ڪيو آهہ اوهان ڪير اسان کي توکي؟
ويا ڪُتي ڪوهَہ، ڇُڪي ڪانہ چِڏي ڪا ٻوڪي،
هيترا شعر ڏنا حصّي ۾ ڪنهنجي توکي؟
آهيون مهمان هتان نيٺ تري ويندا سين
ڪو سبب نانهہ، گهڙيون پيون بہ وڌايون جوکي!
آرزو ڪاب رهي نانهہ هتي جا روڪي.

Gul Hayat Institute

چَنڊُ اڄ راتِ بہ ڪلھہ جيئَن پيو هيٺ تَڪي،
آهہ حيرانُ تہ ڪيڏانهن ويا هُو آخر!
ڪَٿ تي ڪوبہ نظر ڪونہ اچي ٿو هن کي،
ننڊَ ۾ ڪوبہ نہ آ، پيئي ڏکڻ- هِير ڳُھلي،
ڪالھہ جٿَن جنھن ۾ پئي راتِ جي راڻي ڦَھلي،
آ پريشانُ تہ ڪيڏانهن ويا هُو آخر!
باک تي آهہ، تَڪو آهہ گھٽائون ڳولي،
چَنڊُ اڄ رات بہ ڪلھہ جيئَن پيو هيٺ تڪي!

Gul Hayat Institute

وارَ چوڙِين تہ گهتائن کي ٻُڌائيندي ڪَرِ!
جي اُهي اُپّ تي چانيون تہ انڌيرو ٿيندو.
ڪَنڌَ تي اِيئن وَسيهر نہ جهُلائيندي ڪَرَ!
رات جي بات تہ بي آهہ، اِئين ايندي ڪر!
اوچتو چَنڊَ جيان ڏِکّ ڪڏهن ڏيندي ڪر!
دُور رهندينءَ اگر پيار گهٽيرو ٿيندو،
هي پَلو آهہ تہ ڪُجهہ وقت پُلائيدي ڪر!
وارَ چوڙِين تہ گهتائن کي ٻُڌائيندي ڪَر!

Gul Hayat Institute

مان سنڌ ۾ سُونهن کان اِنڪار ڀَلا ڪيئن ڪَيان!
عشق اقرار سوا اِيئَن بہ افشا ٿي ٿو.
آن ۾ توساڻ اکيون چار آلا ڪيئن ڪيان!
نيٺ وَلهارَ ٿيا ساهَ - سَلا، ڪيئن ڪيان!
تو اچين جي تہ تڏهن، بند ڳلا ڪيئن ڪيان!
شام جو عشق سَوين رنگَ شفق جاٿي ٿو
زندگي آهہ ڪَلاڪارَ - ڪَلا، ڪيئن ڪيان!
مان سنڌ ۾ سُونهن کان اِنڪار ڀَلا ڪيئن ڪَيان!

Gul Hayat Institute

ڳُل سَرءُ واءُ پـــئـــي روزُ اُنـــهـــيءَ جا چاڙـــي،
موڪلاڻِي ٿي ڪري جَڙ تہ سِرنهن جي خوشبو!
اَرتُ ڪـوئـي بـہ رَهـيـو نـانـهـہ اَڱڻ ۾ هـاڙـي،
ڪـا ڪَـتڻِ ڪـاڻِ رَهِي آهـہ نـہ مُنهـنجي پـاڙـي،
ڪيئي ڪـا پاٽيون آهن ويون سانجهيءَ ٽاڙي،
ڪـا ورونـهَڻِ نـہ رَهِي ۽ نـہ وِرنـهَن جي خوشبـو؛
ڪـيـسـتـائين ڪـو اڪـيـلائـي ڪي پـنهـنجي ماڙـي
ڳُل سَرءُ واءُ پَئـــي روز اُنـــهـــي جا چاڙـــي.

Gul Hayat Institute

ڀَرو ڀَيو نہ سنڌ‌ءِ، آسَ مون ڀِلي آهي،
اَڇين، اَڇِين نہ اَڇِين، رات، تہ گذري ويندِي!
ڪُٿي ڪِٿي بہ نہ ٿي سيڪلي گلِي آهي،
ائين تہ راهہ مَٿان چانڊني پَلي آهي،
بہ ٿي گهڙيون تہ سندس واڳَ مون جَهلي آهي
اَڇين، اڇين نہ اڇين، ذاتِ تہ گُذري ويندي،
پتو نہ آهہ تہ ڪنهن وقت ڪان هَلي آهي!
ڀَرو ڀَيو نہ سنڌ‌ءِ آس مون ڀَلي آهي.

Gul Hayat Institute

---

نوٽ: هن ترائيل ۾ مون بہ وزن 'مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن' ۽ 'مفاعلن فعلاتن فعلن' ڪم آندا آهن. انڪري ترائيل جو ترنم متاثر نہ ٿيو آهي.

ڪَڏهــن تــہ آءُ اچا انــتــظــار آهــيــان مــان
ڀُڏي ٿـو سِڄَ، سُنهري نـدي وهـي ٿي پَئي،
شـرابِ شـام، سـراپـا خـمـار آهــيــان مـان
وَجي وِيـو نـہ اَجان جو بهـار آهـيـان مـان،
اَجان تـہ ويـرَ چَڙهـي ٿـي، اُپـارُ آهـيـان مـان
ڏَئي ڇلانگ، ندي سمنڊ ڏي ڪَهي ٿي پَئي،
انـهيءَ ۾ چَنـڊَ ڇُلين جي تـہ پـيار آهـيان مان
ڪـڏهـن تـہ آءُ، اجان انـتـظـار آهـيـان مـان

Gul Hayat Institute

اجنبي گيتَ پُر اسرار ڪشش وارا ها،
اجنبي گيت ڪٿي دُور ڏڪي ويا مونکي!
اجنبي گيت فقط سُر جي سِڌِي ڏارا ها
سَمجهہ ۾ ٻول تہ آيا نہ مگر پيارا ها،
نينهن جا گيت نوان ڪونہ هُيا، نِيارا ها،
ڀهڳٽيون ڳائِٽيون جِن ڏانهن ڇڪي ويا مونکي
ڳجَ تن ڪي نہ هُيا ڇڙ تہ ڳگن تارا ها!
اجنبي گيتَ پُر اِسرار ڪشش وارا ها.

Gul Hayat Institute

اجنبي رات آيا تائين رُلائي پيئي
اجنبي سار پکي، جيئن تي پرواز ڪيا!
پيار جي سار آيا تائين سنائي پيئي
تو بنا جئن نه آ، پو به لنوائي پيئي
اي پرين! وس ڪري توکي ڀلائي پيئي،
چار پل، سوسان جي گذريا، اهي ڪيڏانهن ويا!
ذات ڪي ڏينهن ٿيا جو اُها ڳائي پيئي،
اجنبي رات آيا تائين رُلائي پيئي.

Gul Hayat Institute

تون اَچين يا نہ اَچين، وقت تہ گذري ٿو وڃي،
تــو ســوا اڄ بــہ ٻيُر ٻــور ڪــيــو آ ٻــيــهــر
ڪــو ٻِرهــہ نانهــہ مگر جِيءُ ٻهلجي ٿو وڃي،
شمع ٻُجهندي بہ تہ چا، وقت وهامي ٿو وڃي
ٿــي ڪُٽــي رات، وري سِج تــہ اُڀــري ٿــو وڃي
تــو ســوا صــبــح وَري نُور ڪَيــو آ ٻــيــهَر
ٿــورڙي ديــر رڳو سِجّ اُجهــامــي ٿــو وڃي،
تون اَچين يا نہ اچين، وقت تہ گُذري ٿو وڃي.

Gul Hayat Institute

ماَن اَسُر ويرِ اُٿي توکي پيو ٿو سڏيان،
چَندُ آڪاشَ- سمنڊ ۾ ٻُڏي ويو آهي-
سارَ جي سيرِ تِڪي، مان پيو تَرهڻ تاريان،
هُو ڪَکَر ڪاکِ مَٿان، چڙ پيو چانگو چاريان!
آ اجان پَنڌ پَري، پيرَ ڪٿي ٿو تاريان؟
عمر گذري وئي، ڪجهہ وقت مگر پيو آهي،
آ اجا وَجهہ، اگر چاهيان تہ ڪجهہ هاڪاريان!
مان اَسُر ويرَ اُٿي، توکي پيو ٿو ساريان!

Gul Hayat Institute

ماکَ جنهن وقت گُلابن تان ڇڻي ويندي آ.
ڇاڻندو کو بہ نہ آهي اُها کيڏانهن وَئي!
باکَ جنهن وقت بہ نيڻن کي وَڻي ويندي آ
ماکَ تِنهن وقت گُلابن تان ڇڻي ويندي آ
پَر اُها پاڻَ سان خوشبو نہ کڻي ويندي آ،
ڻي پُڇي جڻ پَئي خوشبو، 'پلا کيڏانهن وَئي'؟
ماکَ جا رات جي لُڙکن مان جَڻي ويندي آ،
ماکَ جنهن وقت گُلابن تان ڇڻي ويندي آ.

Gul Hayat Institute

ترمِرائـي تـي پـئـي راتِ، ڪـتـي آهـين تـون؟
جَڙ سِتـارا ثـا سَوين ڳالهـڙيـون تـنـهـنجون ڪَن!
تِي اڳي جِئـن پَئي بـرسـات، ڪـتـي آهين تـون؟
اي سندم تانگهہ، سندم تاتِ، ڪتي آهين تون؟
تـو سـوا ذاتِ نــہ آ ذاتِ، ڪـتـي آهـين تـون؟
واءُ مـان جڙ تــہ تَدا سـاهــہ پـيـا سـِرُون ڪَن
موت ڪان مان نہ مجان ماتِ، ڪتي آهين تون؟
ترمِرائـي تـي پَئـي راتِ، ڪـتـي آهـين تـون؟

Gul Hayat Institute

تون اگر چاهين، گهڙي هڪ نہ وڌائي سگهندين!
۽ اگر چاهين گهڙي هڪ بہ نہ گهٽجي سگهندي!
ڇا سمنڊ ۾ ڪڏهن چنڊ سمائي سگهندين؟
چنڊ آڪاس جو آهي تون نہ ٻائي سگهندين؟
ونجهہ تو چنڊ-نگر ڏانهن هلائي سگهندين؟
نہ پڄي ناو پلي، رات تہ ڪٽجي سگهندي.
ناکُئا! ناو نہ ڪنڌيءَ نہ پڄائي سگهندين!
تون اگر چاهين گهڙي هڪ نہ وڌائي سگهندين!

Gul Hayat Institute

دِل نہ وِندراءِ، ٻي طرح مُنهنجا پرين!
دَرد جي راتِ آ، دَرد جي ڳالهه ڪر!
ڇو نہ اڄ رات تو درد جا گيت تين؟
مات جي راتِ جو اَشڪ منهنجا اُگهين؟
قهقها ايترا؟ تون تہ بيٺو کِلين؟
رَنگَ؟ هڪ رنگَ جي، زَرد جي ڳالهہ ڪر!
آءٌ پورا تہ آهيان، اڃا تو پڇين!
دِل نہ وندراءِ ٻي طرحِ مُنهنجا پرين!

Gul Hayat Institute

جام غمخوار ٿيندو نہ آهي ڪڏهن،
جام سان هوش رهندو نہ، سچ ٿو چوين!
ڇا ڇَپيئہ يار ڪوئي بہ ناهي ڪڏهن،
روح سان رنجُ جيڪو وِراهي ڪڏهن،
ڏير دِل کي ڏئي، ناهہ ناهي ڪڏهن
ڪوبہ آهڙو اُسهندو نہ، سچ ٿو چوين،
اوچتو جو چڳيءَ لاءِ چاهي ڪڏهن؛
جام غمخوار ٿيندو نہ آهي ڪڏهن!

Gul Hayat Institute

چَنــڊ جو روپ ڏاري اچين تــي پــئــي.
وقت درياهه وانگر وَهي تو پيو!
آنءُ ساربان تـه ساري اَچين تِي پَئـي،
نينهن سان تون نهاري اَچين تِي پَئي
پر ڪٿي رات گهاري اچين تِي پَئي
گجّ ڪيڏو نه توتي نهي تو پيو!
وارَ ڪنهن لئه سَنواري اچين تي پئي؟
چَنــڊ جو روپ ڏاري اچين تــي پــئــي.

Gul Hayat Institute

ڪوبہ انسان تقدير ٺيندو نہ آ،
تون نہ هوندينءَ تہ بہ ڪا محبّت ڪندي.
پيارُ اڳوات سوچي، سڏيندو نہ آ،
پر سبب ڪان سوا دل ڇڪيندو نہ آ!
جي وڃڻ تي اچي هُو مڃيندو نہ آ،
عاشقي آهہ وِرلي قيامت ڪندي
جيڪڏهن ڪنهن سَوا ڏِير ايندو نہ آ!
ڪوبہ انسان تقدير ٺيندو نہ آ.

Gul Hayat Institute

ٿا لُڏن ڪارا ڇمون، جيڪي پيا هيڙها ٿُڪِن،
اوچتو برسات جو بوندون وٹن تي ٿيون وَسَن.
لوءِ ڪي لهسائيو ٿو هيل چوڏاري لُڪَن،
تاسَ جڻ پنهنجي ٻُجهائِي ڪانہ ٿي پاڻيءَ ٻُڪن!
لُوهہَ ايذِي جو اَوازِي ماٺَ ٿا هَرَ هر دُڪن!
اوچتو ئي اوچتو ٿا اُپَ مان ساوَڻ سِمن،
اوڙڪون ٿي آءُ! ڪيسين هر طرف جَرَ ٿَرَ سُڪن؟
ٿا لُڏن ڪارا ڇَمون، جيڪي پيا هيڙها ٿُڪن.

Gul Hayat Institute

روز ويندو نہ ڪَر يارَ جي پارَ ڏي
روزُ تَنهن ڏي وڃِي پيارُ ڳهتجي متان!
دورُ تان تون نِهارين اگر يارَ ڏي،
ءِ ڏِسين تورڙو سُونهن-سنسارَ ڏي،
جِئَن وَري ڪا گهڙِي واءُ وَلهارَ ڏي.
تِي نہ ڳُستاخ تون ايترو عشق سان!
دورُ تان ڏِس، چڱو تي تہ دلدارَ ڏي،
روزُ وِيندو نہ ڪَر، پيارَ جي پارَ ڏي.

Gul Hayat Institute

رِڻ ٻري ٿو پَيو، وِکَ کي ڪَر ڏِرو،
رات بــرســاتِ جي ڌُور آهــي اَڃان!
رُڃَ ۾ ڪنهن ٿُبي ڏِٺي، لڏو آ تَرو؟
واٽُ واريءَ ڪَيو آ رڳو ڪَر ڪَرو!
رُڃَ مان اُڃَ ڪنهن آ اُجهائي ميان!
سـڀ اُڃارا ڇون ٿا ته پُٺ تـي وَرو!
رِڻ ٻري ٿو پيو، وِکَ کي ڪَرِ ڏِرو!

Gul Hayat Institute

بهتر آهي تہ نون ڏينهن ناري وڃين،
اُمَ ۾ ڪانو جي اکَ نڪري پئي!
نِرَ جي ڄانوَ ۾ پهر گهاري وڃين!
ڄ وڃين جي تہ تون ڪنهن سهاري وڃين،
ڪو وِني واهہ، اُن جي ڪِناري وڃين
نانهن آرهڙ اُنو، رُتِ ڪائي پئي،
آهہ ڪيڏي تپت، جنهن بہ چاري زجين!
بهتر آهي تہ تون ڏينهن ناري وڃين.

Gul Hayat Institute

نيٿ اونارَ پَسائِن پيا جهاپا جهُوڙا
باکَ جِي ساکَ رَکي يارَ اچي ويا پَنهنجا.
مُنهن مَنهَن منجهه لِڪائن پيا ڪُرتا ڪُوڙا!
چَنڊَ جِئن مُرڪَ چپائي نہ سگهيا ويسوڙا،
ايتري جوتِ، لڳي ٿو تہ ٻَرن ٿا ٻُوڙا!
پاڪِڙا، چَنڊَ-چِمتڪارَ اچي ويا پَنهنجا
مونگهڙن وَٽِ سُڳنڌون ٿيا جيڏِين جُوڙا!
نيٿ اونارَ پَسائِن پيا جهاپا جهُوڙا!

Gul Hayat Institute

ڪيئن چئجي ڪير؟ پاڇا ٿا اَچن
هيرَ ۾ ڪا ڳالهڙي پيئي هَلي:
رُتِّ ۾ رابيل ڇاڇا ٿا اَچن!
ڪيئن چئجي ڪير؟ پاڇا ٿا اچن.
تي اَڱڻ ۾ چانڊني ٿوڙي اُلي،
آ سِرنهن خاموش، خوشبو ٿي سَلي
وارَ ڪولي ڳُجهہَ ۾ پنهنجي ڳَلي،
هُو ڪٿڙي جِئن الا ڇا ٿا اَچن!

Gul Hayat Institute

هـــيءَ هرڻـــيءَ کـــان پڇو ڇو ٿـــو ڦرين؟
ڏس، ولـيون توکـي ميـارون ٿـيون ڏين.
چانـدنـيءَ کـان اولـڙو ڇو ٿـو ڦريـن؟
سڀ ڳليون توکي ميارون ٿـيون ڏين.
ريـت کـان تـون پـيـچرو ڇو ٿـو ڦريـن؟
هـيءَ هـرڻـيءَ کـان پڇو ڇو ٿـو ڦريـن؟

Gul Hayat Institute

رات جي برسات ۾ ايندي نہ ڪر!
جيڪڏهن تُنهنجي پِجي چولي پَوي!
جيءَ مان مُنهنجي ڇُلي چولي پَوي!
هَٿ ُتي تولاءِ پاتولي پَوي!
مينهن واريءَ رات ۾ ايندي نہ ڪر!
رات جي برسات ۾ ايندي نہ ڪَر!

Gul Hayat Institute

ڪلهہ جِيان مون تي سِتارا ٿا ٻَرَن،
تــو بــنــا پَر راتــڙي ســاڳي نــہ آ.
زنــدگــانــيءَ جا ســهــارا ٿــا ٻَرَن،
پــيــارَ ۾ ڪــيــڏا نــہ پــيــارا ٿــا ٻَرَن!
تــو جيــان نــيــڻــين-نــهــارا ٿــا ٻَرَن،
تــو بــنــا پَر زنــدگــي ســاڳِي نــہ آ!
ڪــلهہ جيان مون تي سِتارا ٿا ٻَرَن
پَر لــڳي تــو روشــنــي ســاڳي نــہ آ!

Gul Hayat Institute

ڏر ٽتيءَ جي تاوَ ۾ ڪجھه وقت ڪائي ننڊَ ڪر!
ٽي ٻري واري، پيا ڪُونيٽ جلن
ٿو ڏسان جيڏانهن ٿا سڀ ڳهٽ جلن
ٿا ڇِڊا ٽُنهنجي مٿان سڀ ڇٽ جلن
مان چوان ٿو راهه اڳتي آ اُٿائي ننڊَ ڪر!
مان مڃان ٿو ڇانوَ ۾ آهي ڇڊائي، ننڊَ ڪر!
ڏرتيءَ جي تاوَ ۾ ڪجھه وقت ڪائي ننڊَ ڪر!

Gul Hayat Institute

ڇا ڇوان! ڇو پيارُ توسان ٿي وَيو
ڪِئَنَ ڇوان ڇا ڳالهه تو ۾ مون وَڌي؟
سُونهن هي سنسار تو سان ٿي ويو،
دڳ گُل و گُلزار تو سان ٿي وَيو،
چَندَ جئن وَنهوار تو سان ٿي ويو،
جڻ ستارا ها پِرين تنهنجي پُٺي
ڇا ڇوان! ڇو پيارُ توسان ٿي وبو
جو گُهمان توکي اکين ۾ تو ڪٽي؟

Gul Hayat Institute

* تو منجهه ڏسان آءٌ پيو جڳ جڳانتر،
تون آءُ، هلي آءُ ته مان تو ۾ نهاريان!
ڪيڏا نه هئا ڏور، اڃا ڏور آهي در
جن منجهه پئي جوت جلي، واٽ ڪٽاوڙ!
جيڪي به هئون ڪاله گهٽيون، گهاٽ، آهي گهر
تون آءُ، هلي آءُ، جئين مان نه وساريان!
تو لاءِ هري هانءُ، هلي آءُ نه بيهر!
تو منجهه ڏسان آنءُ اُهي جڳ جڳانتر!

Gul Hayat Institute

---

* جڳ جڳانتر - ازل

جنهن وَقت وَراڻي نہ ڏِنَئہ، آنءُ هليو ويس،
ڪنهن وقت متان آنءُ اَچان، ٻُوتِ نہ تون دَر!
ڪيڏو نہ وَتو آنءُ سندءِ نانءُ، هليو وِيس
توکان نہ ملي ڏات نہ ڪي ڏانءُ، هليو وِيس
تولاءِ گهڻو وقت هُريو هانءُ، هليو وِيس
اُميد تہ آهي تہ بچان، ٻُوتِ نہ تون در!
* گهرگهاتَ اُهو نانهہ، چڙي گانءُ هليو ويس
جنهن وقت وراڻي نہ ڏِنئہ آنءُ هليو ويس.

---

* گانءُ — ڳوٺ (هندي ۽ اردو ۾)

Gul Hayat Institute

مَدّ پيتو آهه ڪنهن ڪنهن ٽانوَ سڀ ڪجهه ياد آهي،
ٻَال ٽِي ويا ڳڌ گذاريون جي گهڙيون، سڀ ياد آهن
چَنڊ جو پاڇو، سِرنهن جي ڇانوَ، سڀ ڪُجهه ياد آهي.
اي پرين! تو ساڻ لُنءَ لنءَ لانوَ، سڀ ڪجهه ياد آهي
هيرَ ۾ جهُولا جهُلِيا جي هانوَ، سڀ ڪجهه ياد آهي
پَل هُيا موتين جيان، مونکي لَڙيون سڀ ياد آهن،
سَال ٽي ويا، ڳڌ گذاريون جي گهڙيون سڀ ياد آهن.

Gul Hayat Institute

رات جو ڏات ڪٽي ايندي ڪَر!

جئن ڏياٽيون نہ وسامن تون اڳي ايندي ڪَر!

ائن بِرهہ-بات ڪٽي ايندي ڪَر،

جَڙ تہ برسات ڪٽي ايندي ڪَر!

تانگهہ ۽ تات ڪٽي ايندي ڪَر،

نيڻ جيسين نہ اُجهامن تون اڳي ايندي ڪَر!

موتَ جي ماتِ ڪٽي ايندي ڪَر!

راتِ جو ڏاتِ ڪٽي ايندي ڪَر!

Gul Hayat Institute

تون نہ ايندينءَ اگر رات تہ گذري ويندي!
راتِ جو چَنڊُ اچي جيئن ڪَندو چانڊوڪي،
تو بنا نِمَّ ڪندي ٻُور اچي جئن ٻوڪي،
وقت جي واڳَ اجان ڪنهن بہ تہ ناهي روڪِي!
ڇِڳَّ ڇَهري ني سنڌءِ نينڻ تہ وِسري ويندي
ڇا اِنهيء ڳالهہ مٿان سوچيو آهي تو ڪِي؟
تون نہ ايندينءَ اگر رات تہ گذري ويندي!

Gul Hayat Institute

رات ڪَٽ-مست ڪُميتن ڪان پُڇي تي پيئي
جئن اُتر واءُ لڳي، ”تيز وجون ٿا ڪيڏانهن؟“
ڪو نشانو بہ اَٿوَ تير سجون ٿا ڪيڏانهن؟
*وِڄُ جي واٽَ وني، پنبِ پجون ٿا، ڪيڏانهن؟
گهاتِ ڪَٽ-مست ڪميتن ڪان پُڇي تي پيئي
”ڪجھ وراٽيو تہ سهين! چو نہ مجون ٿا؟ ڪيڏانهن؟“
ڏاتِ ڪَٽ-مست ڪُميتن ڪان پُڇي تي پيئي.

---

* پنبِ اوندھ. گهاٽي اوندھ.

Gul Hayat Institute

تــون اگــر رات رهــين، گــيــتُ اجا بــاقــي آ
اُپَ–ڪچنار، ڪَتيون ڪنهن بہ پٽيون آهن ڪونہ!
تي تِئي وَسّ مٽـان، وَڻ بـہ چٽـيون آهـن ڪونـہ!
وقت جي مست تَدي، گهاٽ گهٽيون آهن ڪونہ!
تــون جي بـرسـات رهـين گـيـت اجا بـاقـي آ
ڪـنهن بـہ اُستاد پڙهايون هي پٽيون آهن ڪونـہ!
تــون اگــر ذاتِ رهـين، گــيــت اجا بــاقــي آ.

Gul Hayat Institute

روز اڌ رات اُٿــي، آنءُ لــڪــان هــي چا تــو؟
ڪا ازل منجهہ لڪيل چيز پڙهان تو چڻ مان!
تاريون آڪاس پڳيون، جنهنجون اهو هان وڻ مان!
ڪوئي تنبورو وڳو، جنهن جي هُيس تڙ تَڙ مان!
چؤ تہ اي ذات اُٿــي، آنءُ لــڪــان هــي چا تــو؟
وَسُ م آنءُ نہ هان، هونءَ نہ ڄاڻان ڳهَڻِ مان
موتَ جي مات! اُٿــي آنءُ لــڪــان هــي چا تــو؟
روز اڌ رات اُٿــي، آنءُ لــڪــان هــي چا تــو؟

Gul Hayat Institute

خُدا جي راهہ طرف ڪيتريون ڳِليون آهن،
خُدا جي راهہ اَبد کان بہ جا اڳي تي وڃي!
خبر نہ آهہ ڳِليون سڀ ڪٿي مليون آهن؟
ازل کان تن ۾ ٻَئي وينگسون ٽِليون آهن؟
اَچي جي ننڊ، مٿان اُڀَ جون رِليون آهنِ
خبر نہ آهہ تہ هي زندگي ڪٿي تي وڃي!
هِتي تہ لاش رهن ٿا، مٿان هِليون آهن!
خُدا جي راهہ طرف ڪيتريون ڳِليون آهن!

Gul Hayat Institute

ڪلھ جيان مون تي ستارا ٽا ٻَرن
تو بنا پر راتڙي ساڳي نہ آ
زندگانيءَ جا سھارا ٽا ٻَرن
نيڻ ٻيا، ساڳا نھارا ٽا ٻَرن
پيار ۾ ڪيڏا نہ پيارا ٽا ٻَرن
تو بنا پر زندگي ساڳي نہ آ
ڪلھ جيان مون تي ستارا ٽا ٻَرن
پر لڳي تو روشني ساڳي نہ آ!

Gul Hayat Institute

آجيان ٻيءَ صديءَ جي نہ ڪئي آهي تو؟
هي صدي آهہ رَديءَ منجهہ وئي، پوري ٿي!
ڊارون، مارڪس، فرائڊ ُڪي تو دل تان لاٿو،
زلزلي خيز صديءَ ڪجهہ تہ بچايو هوندو؟
آءُ چِنڊچاڻَ ڪَيون، آءُ ڏِسون 'ڇا' ۽ 'ڇو'!
سِچَ ڪي هيءَ صدي پُٺِ ڏئي، پوري ٿي
ڪُوڙ جي ڪِٺَ تہ ڏِسُ، سَچَ اجان آ سپنو!
آجيان ٻيءَ صديءَ جي نہ ڪَي آهي تو؟

Gul Hayat Institute

سِر ڏئي سَچَ بچائڻ کو ضروري تہ نہ هو!
سَچَ کي ساهہ ۾ سانڍيِئہ تہ ڇڱو ڪيُءِ ڏاها!
تو سرِ دار هجين ها بہ اگر گئليلو،
هيءَ ڌرتي تہ ڦرڻ ڪونہ ڇڏي ها پنهنجو،
دوُر جو دوُر حماقت جو هُيو آئينو،
هاڻِ جا سوچ نئين آهہ، ڇٿي تي آها...
سِر ڏيڻ کان ئي سَوا سَچُ بچائي ويو ڪو!
سِر ڏئي سَچ بچائڻ کو ضروري تہ نہ هو!

Gul Hayat Institute

اڙي منصور! رڳو توکي پيا ٿا ڳائن،
رَتّ سان پنهنجي وُضو ڪنهن نہ ڪيو آ مون جِئن!
هي نئين دوُر جا مُلا ٿا اهو ورجائن،
ڪالهہ جي ڳالهہ رڳو ٿا ڪري ڳهٽا پائن!
آرسيءَ جيئن ڏسي سَچّ، پيا گهبرائن!
آهہ! هي دوُر جو وهلورُ ويو آ ڪئن ڪِئن!
ديس ۾ ارڙهين صديءَ سان ٿا پيا لَنوَ لائن!
اڙي منصور! رڳو توکي پيا ٿا ڳائن!

Gul Hayat Institute

چَنڊُ مينار مٿان ڪالهه سنڌوءَ جي پرسان،
ٿي سڪر-سارَ اچي ڪالهه پرينءَ جي پاسي!
ڪالهه ڪيڏانهن ويو؟ آنءُ پيو ٿو سوچان!
ڪالهه هو هيرَ جيان مُنهنجو گذر ٻارين مان!
ڪيترا ڳُل هُيا، خوشبوءَ ۾ خُماريل هُن جان!
مون پُونر جيئن پرِي پاڻُ ڇَڏيو هو واسي!
آه! اڄ رات پيو ڪيترو تن کي ساريان،
چَنڊُ مينار مٿان ڪالهه سنڌوءَ جي پرسان!

Gul Hayat Institute

خبر نہ آ تہ وڃي دور ڪيترو تو لڪُ
تمام عمر ڪٽي انتظار ۾ مُنهنجي!
لڳي ٿي لُوءَ، لُڏي ٿو ڪِٿي ڪٿي ڪو اَڪ!
مَٽي مَٿان نہ ٻَڌو، پو بہ مون ڪڍهن اَجرڪ
پُڳو نہ پَنڌُ، رڳو تيزها، رڳو هو ٿَڪ!
نهارَ پو بہ رهي آهہ پارَ ۾ مُنهنجي،
اڃا تہ ڪونہ سندم جيءَ کي اَچي ٿو جَڪُ،
خبر نہ آ تہ وڃي دورُ ڪيترو تو لَڪ!

Gul Hayat Institute

مورٽيون مُنهنجا ٺهوڪا تہ چِڪي آيا ها!
آنءُ گهنگهور گهٽائن مان هليو آيو هوس،
لَڪ جڏهن ڪالهہ ليارن ٽڙي مهڪايا ها
ماڪ جئن گيت تڏهن آنءُ اچي ڳايا ها
گيت جي ڏيهہ مٿان چانوَ ڪري ڇايا ها!
انت ڪان پار صدائن مان هليو آيو هوس
ڪير چوندو تہ سندم گيت هُيا مايا ها!
مورٽيون منهنجا ٺَهوڪا تہ چڪي آيا ها!

Gul Hayat Institute

موت! ڪجهہ وقت اگر ڏين تہ وَسان ڏرتيءَ تي
هي ڪَويتا تہ نہ برسات جيان ڪجهہ آهي!
واءُ ۾ جئن گسي وَلهارُ، گسان ڌرتيءَ تي،
مون گهٽايو نہ وَسان چَئن ڏسان ڌرتيءَ تي.
ڦول چوڌار پيو آنءُ پَسان ڌرتيءَ تي،
سَڀ ٻُڌِي گيت چَون ذات جيان ڪجهہ آهي،
جئن ٽِڙن تارَ ائين آنءُ هَسان ڌرتيءَ تي
موت! ڪجهہ وقت اگر ڏين تہ وسان ڌرتيءَ تي.

Gul Hayat Institute

دُور جا سَڏَ گهٽو وقت لنوايا آهن،
هاڻِ تنبورو وڻو، هاڻِ هليو ويندس مان!
ايترا گيت ستارن نہ ٻُڌا آهن،
جيترا گيت اوهان لاءِ مون ڳايا آهن،
گيت ٻين لاءِ بہ مون ڪيئي بچايا آهن
اڱرين چا نہ سَنو! هاڻ هليو ويندس مان!
اي ازل! تو سان ڪيل قول نڀايا آهن،
دُور جا سَڏَ گهٽو وقت لنوايا آهن.

Gul Hayat Institute

هاڻ ڏيئو ٻـ متان ساڻ نـ ڏي!
رات يلغار ڪَري آئي آ
چَنڊ جي مَنڊ جيان دُور اَڏي،
ڪيئن چئجي تـ ڪڏهن جُوءِ چَڏي،
موت ڪائي نـ وَري جيءُ لـڏي!
تيرگي وارَ ڪري آئي آ
چانئجي آهـ وَئِي اڄ تـ تَڏي،
هاڻ ڏيئو ٻـ متان ساڻ نـ ڏي!

Gul Hayat Institute

ننڊ جو نانءُ نہ وٺ، ننڊ اسان لئہ ناهي،
ننڊ هڪ اجنبي مهمان جيان آهي هت!
مَڏُ ڪُتڻو ئي نہ آ، مَڏ پيو ڪو ناهي،
چَنڊَ جو تانءُ تہ ڪڻ، ايءُ پيَڻ لئہ آهي،
ڪيپُ گهنگهور گهٽا جيئن اچي ٿو ڪاهي،
پر اکين-ننڊَ تہ ارمان جيان آهي هت
هُو ڪَلال آهہ ڪٿي، چا تو چڪائڻ چاهي؟
ننڊ جو ناءُ نہ وَٺ، ننڊَ اسان لئہ ناهي!

Gul Hayat Institute

موتَ ٻوساتَ هُئي، واءُ تي گهُوگهاتَ ڪَيا
تيز گهوڙي تي اِئين نِنڊَ اچي وَئي توکي!
تُنهنجي ارمان سوين گهيڙ ڪيا گهاتَ ڪَيا
تي گجيو اُپٽ، ڪِنوڻ ڪالهہ تي چمڪات ڪَيا.
چا نہ احسانَ تي لهرين جي مٿان لاتَ ڪيا!
ايڏي رفتار ۾ ڪِئن اکِ لڳي وئي توکي؟
آنءُ جاڳايو گهڻو، آنءُ تہ رانياتَ ڪَيا!
موتَ ٻُوساتَ هُئي، واءُ تي گهُوگهات ڪيا!

Gul Hayat Institute

تون نہ ڄاڻين تہ ڪِٿي انت پُڄائي توکي!

تو پرستش تہ رڳو آهہ ڪَئي هِن پَل جي!

پاڪڙو چَندَ جُهڪايو تہ پڄائي توکي،

مارئيءَ جيئن ڪنيي، ڪوٽ رَسائي توکي،

۽ رکي بندِ اُتي، روز هڄائي توکي!

تو حقيقت نہ آ معلوم اَجَهل جي جَهل جي،

ڪوٽ ڪيرائي ڪَڏهن جيڪو بچائي توکي!

تون نہ ڄاڻين تہ ڪِٿي انت پُڄائي توکي.

Gul Hayat Institute

ڪوهہَ تي پويون گهڙو آهہ، اِهو ڪيئن چوان!
ڪيترو پنڌ ڪري آنءُ پرڻ آيو هان!
ڪئن نہ گرڻي تي ڦري، مان ٿو جڏهن ڪوسَ ڪيان!
مان نہ ڪي زور ڏيان ۽ نہ چِڪان چِڪ ٺي ڪيان!
ڪير ٿو ورت چڪي، آنءُ پيو هيٺ ڏسان،
منهنجو وارو آ، اُهو پورو ڪرڻ آيو هان
ڪوهہُ اڳ ڪان بہ گهٽو آهہ، اِهو ڪيئن ميان!
ڪوهہَ تي پويون گهڙو آهہ، اِهو ڪيئن چوان!

Gul Hayat Institute

ڪا گهڙي نانهن جڏهن ياد نہ آئي آهين،
تُنهنجي صورت جئين تقدير جو آئينو آ!
مون تہ سمجهو هيو مون لاءِ تون ڄائي آهي،
پر ازل منجهہ لکيو ڪنهن تہ پرائي آهين،
پو بہ تون ڪيئن نہ رڳ رڳ ۾ سمائي آهين،
جنهن صنم ساز جڏهن ناهيو سندءِ سينو آ
تنهن نہ معلوم، تہ ڪٿن مون کان تڳائي آهين!
ڪا گهڙي نانهہ جڏهن ياد نہ آئي آهين.

Gul Hayat Institute

چَنڊُ جنهن لاءِ پيو روز لياڪا پائي
* اڳُ بہ صورت گرو هِن جيئن ڏني ٿو ڪائي؟
چڙ تہ درياهہ ڇُهڻ لاءِ وراڪا پائي
چوليون ٿي گهات مٿان آ ويو ڏاڪا پائي
هُن جيان تيز ورانگون وئي ڇاڪا پائي؟
هيئن سُهڻي ڪا ڏني ٿوَ يا ٻُڌي ٿو ڪائي
سانت ۾ ڪُنّ وَيا ڪيئن نہ واڪا پائي!
چَنڊُ جنهن لاءِ پيو روز لياڪا پائي.

Gul Hayat Institute

* نوٽ: اُتر ۾ اَتوَ کي ٿوَ بہ چوندا آهن.

گهَر، گِهٽيون، گهاٽَ، سپيئي تہ ٻُڏي ويا آهن
اوچتو ڪلهہ هتي طوفان لڳو هو ڏاڍو،
وِجُ چمڪات، سپيئي تہ ٻُڏي ويا آهن!
ڪنهن ڳٽيا ڳاٽَ، سپيئي تہ ٻُڏي ويا آهن
ڪيتري چاٽَ، سپيئي تہ ٻُڏي ويا آهن،
مون ڏٺو شهر تہ وِيران لڳو هو ڏاڍو
تي رُني ماتَ سپيئي تہ ٻُڏي ويا آهن
گهر، گهٽيون، گهاٽَ، سپيئي تہ ٻڏي ويا آهن.

Gul Hayat Institute

دوستيءَ منجهہ دغا اڳ بہ ڏٺي آهي تو
هي پُنيءَ مَنجهہ چُرو، مي تہ نٿين ڳالهہ نہ آ!
اشڪ آلود وفا اڳ بہ ڏٺي آهي تو
جيءَ جي لاءِ جفا اڳ بہ ڏٺي آهي تو
زندگي هيئن خفا اڳ بہ ڏٺي آهي تو
آدمي ڪوبہ بُرو، هي تہ نئين ڳالهہ نہ آ
هيءَ دَستار و قبا اڳ بہ ڏٺي آهي تو
دوستيءَ منجهہ دغا اڳ بہ ڏٺي آهي تو.

Gul Hayat Institute

هنج ۾ پارَ جٿين ماءُ جَهلي

ٺاڪري لاءِ سرشتي اٿن آ!

سوءَ ٻارهان پريان، پاڪ پلي!

ٿي نديءَ جيئن پرهه-ٿير هني،

ماٺ منڌ پريا نيڻ ملي،

ڏس ته ٿي رات رواني ڪئن آ

تا اڄن گيت وري ڳوٺ ڳلي

هنج ۾ پارَ جئين ماءُ جَهلي.

Gul Hayat Institute

ڪيرَ ٿي ياد اچي هِڏڪيءَ ۾

ٻارَ ڪان پيارُ اچي ٿو ڪنهنجو؟

ڇا نہ رابيل ٽِڙي آ جيءَ ۾؟

واس ڪو آهہ وَرِبو ڏرتيءَ ۾!

جڻ اُڏار آهہ پکين ٽوليءَ ۾

هيءَ اسرار اچي ٿو ڪنهنجو

اوچتو شعر جيان ٻوليءَ ۾؟

ڪيرَ ٿِي ياد اچي هِڏڪيءَ ۾؟

Gul Hayat Institute

جي اچين، رات رَهي پوءِ هَلي ويندي ڪَر!
چو اِئين شام لٿي، راهہَ رَمي ويندي آن!
جي وڃي چَنڊ لَهي، پوءِ پَلي ويندي ڪَر،
مُنهن انڌيري ۾ تِپي پارِ ڳلي ويندي ڪَر،
ڪو پڇيئي تہ ’ڪٿي هُئينءَ؟‘ اَلي ويندي ڪَر،
ترسندي نانهہ، اُپي پير هَلي ويندي آن!
اُج اُجهائي تہ اڙي پيارَ ڪَلي ويندي ڪَر!
جي اچين، رات رَهي پوءِ هَلي ويندي ڪَرَ!

Gul Hayat Institute

ايترو وقت ڪٿي ايئن ڇُپي وئي آهين؟
چنڊ تولاءِ ڳِليون روز اچا ڳولي ٿو.
ٿورڙو پيار ڏئي، پوءِ هلي وئي آهين!
ڪيئن خوشبوءَ جيان راهه ڀُلي وئي آهين
جڻ ته رابيل ۾ بيهار ڳِهري وئي آهين
چَنڊُ تولاءِ چَڪيون روز اچا ڦولي ٿو!
ڪئن چوان لوءِ ۾ ڪنهن جاءِ لڪي وئي آهين!
ايترو وقت ڪٿي ايئن ڇپي وئي آهين؟

Gul Hayat Institute

رات برسات پُڇيو هوءَ وٺي ا ڪيڏانهن؟
هوءَ پَر سالَ تہ رابيل جيان ڪِلندي هُئي!
هُو چُڙيل وار ويا جڻ تہ گهٽائون جيڏانهن!
چنڊ تون ڳول مَتان موءَ هُجي ڪِٿ ايڏانهن!
گهر جتي آهہ سندس واءُ هلي وڃ تيڏانهن!
هوءَ پَر سال هتي ديل جيان نلندي هُئي
دل اشارو ڪيو ڪنهن جاءِ ڇُپي آ هيڏانهن،
رات برسات پُڇيو هوءَ وٺي آ ڪيڏانهن؟

Gul Hayat Institute

مانگهه جي راتِ هوا تي پٺي گهوگهاٽ ڪري!

مانگهه جي رات گهران ڪيئن هلي آئي آن؟

اوڙڪون پيٺون پون وڄ تي ڪڙڪاٽ ڪري،

واهه وسندا ٿا رهن، ٿون ٿي اڄ وات ڪري

گهر مان نڪتينءَ سگهي. سان رڳو سرباٽ ڪري

ايڏي برساتِ ترا ن ڪيئن هلي آئي آن؟

هيٺن ڪنهن لاءِ سندءِ جيءُ سبو جاڻ ڪري؟

مانگهه جي رات هوا تي پٺي گهوگهاٽ ڪري!

پيارَ جو نانءُ هوا مَنجهه هُري ٿو، هل تون!

پيارَ جي لاءِ نندي ڪاٿ تڪيري ناهي.

ٻاجهه جو ٻول نڳاتار ٻري ٿو، هل تون!

اي اَجهل جِڪ وري پير جُري ٿو، هل تون!

تنهن طرف جنهن کي سنڌ ساههُ ڳهري ٿو، هل تون!

آ سِڌي واٽ، وري واءَ به ويري ناهي.

جنهن ڳهڙيءَ لاءِ سنڌ جيءَ جهري ٿو، هل تون!

پيار جون نانءُ هوا منجهه هُري ٿو، هل تون!

Gul Hayat Institute

ڏس تہ ڪئن ڪونيت ٻرن ٿا، ڪنهن ازل جي آگ مِہ!
تو ڏنو ڪئن واءُ مِہ ساريون وليون ڄرڪن پيون؟
ڏس تہ سڀ ٻريت ٻرن ٿا، ڪنهن ازل جي آگ مِہ!
* مينهن مِہ مَرگهٽ ٻرن ٿا، ڪنهن ازل جي آگ مِہ!
انڌلت يا ڳمت ٻرن ٿا، ڪنهن ازل جي آگ مِہ!
لونءَ مِہ لارون ڪري، سارون وري ڄرڪن پيون،
پيار جا پويت ٻرن ٿا، ڪنهن ازل جي آگ مِہ!
ڏس تہ ڪئن ڪونيت ٻرن ٿا، ڪنهن ازل جي آگ مِہ!

Gul Hayat Institute

---

* مرگهٽ - مسان.

راتڙيون هونءَ اِئين ٻيون ٻہ گُذاريون آهن.
سُونهن جي ساٿ، اِها رات ٻہ گذري ويندي.
گوپيون شام ٻہ ائن ڪونہ ڏٺاريون آهن
جيءَ جمنا ۾ لٽيون ڪينريون ناريون آهن،
چانڊني رات ۾ جي نيڻهن نِهاريون آهن!
تون متان پانئين ڪا ٻارات ٻہ وسري ويندي.
پيار جي پنڌ ۾ ڪيڏيون نہ سواريون آهن
راتڙيون هونءَ اِئين ٻيون ٻہ گذاريون آهن.

Gul Hayat Institute

ڪوڪ تارن ۾ هلي ويندي آ،
ڪويليون ڪوڪَ نہ مرندي آهي،
آڳ هر طرف لڳي ويندي آ،
دور تائين ڪا جيي ويندي آ،
ڪيئي درياهہ تپي ويندي آ،
ڪريليون ڪوڪَ تہ ترندي آهي
دُور تارن ڏي ٻري ويندي آ،
ڪُوڪَ تارن ۾ هلي ويندي آ.

Gul Hayat Institute

ڪوبہ خوشبوءَ جي ٻَها ڪونہ ڪٿيندو آهي.

ڪوبہ رابيل رَتين ساڻ نہ توربندو آ.

عشق ايندو آ تہ اِئن مفت ۾ ايندو آهي.

ڪو گُلابن سان اچي پاند پريندو آهي؛

ڪوبہ ان لاءِ ٻِلا رِتّ رِٿيندو آهي؟

مُرڪ سان جِڙ تہ شڪنجي ۾ جَڙي ويندو آ

پيار جئن ڪوئي بہ طوفان نہ ٿيندو آهي.

ڪوبہ خوشبوءَ جي ٻَها ڪونہ ڪٿيندو آهي.

Gul Hayat Institute

هـر تـصـور کـي بـنـا ڏوهـہ اُجاڙي ويـئـينءَ،  
تون تہ هر چيز کي ويران ڪري وئي آهين!  
تو ٻُڌايو بہ نہ ڪنهنجي پٺي پاڙي ويئينءَ!  
گُل تـہ زنـجـير هـيـا پـو بـہ لـتـاڙي ويـئـينءَ،  
چانڊني سرو ۽ صنوبر تي پڇاڙي ويئينءَ  
هـر تـبـسـم کـي بـيـابـان ڪـري وئـي آهـي!  
سُڄّ سان جيءَ سڄي عمر سلهاڙي ويئينءَ  
هـر تـصـور کـي بـنـا ڏوهـہ اُجاڙي ويـئـينءَ.

Gul Hayat Institute

هر نئين رات نئون صبح اُياري پيئي،
ڪيئن ڄڻجي ٿو اهو سلسلو ڪيسين هلندو!
ٻاڪ ٽٽي ٿي نوان رابيل ٽڙن ٿا ڪيئي،
ٿا وڃن نيڻ ڇڏي واءُ ڪي خوشبو ڏيئي،
زندگي چار ٻهارا، اجهو ويٺي ويٺي!
ڪير ڄاڻي ته اهو سلسلو ڪيسين هلندو!
سوچ سُرباڻ ڪيا ٻاڻ مان ٻاهر نيئي،
هر نئين رات نئون صبح اُياري پيئي!

شاعري منهنجي ڪڏهن ناهه شعوري ڪوشش
ننڊ مان ڪير اُٿاري ٿو، لکان ويٺو مان!
ننڊ جي لاءِ ڪئي آهه مون پوري ڪوشش،
ننڊ جي لاءِ مگر ناهه ضروري ڪوشش،
جيستائين نه لکان، ننڊ اڌوري ڪوشش!
پيو ٻه ڪو آهه سندس سات ڏيان ويٺو مان،
شعر سِرجي وَئي ڪيڏا نه سموري ڪوشش!
شاعري مُنهنجي ڪڏهن ناهه شعوري ڪوشش!

Gul Hayat Institute

اي ازل آءُ، اچي ويهه، رهاڻيون ڪَر ڪي!

مان جڏهن کان تو لڪان، ڪيئي صديون ٿيون آهن،

ميٺلي، منجهه لڪيو ڪيئن، ڪهاڻيون ڪَر ڪي!

ڪوئلسون ٻڌي ڏسي، اڄ ٻ أماڻيون ڪر ڪي!

۽ ڪڪراٽيون ٿڻين ٿڻين سان واڻيون ڪَر ڪي!

مان ورق ٻيڻگهه لُڏان، ڪيئي صديون ٿيون آهن.

ڳالهڙيون ڳجهه جيون مون ساڻ ٻراٽيون ڪَر ڪي!

اي ازل آءُ، اچي ويهه، رهاڻيون ڪَر ڪي!

Gul Hayat Institute

تون چوين تہ "اُتي لِکّ! اُتي لِکُ هاڻي!"

"هي گهَڙِي آهہ اَمر کونہ وَري وَرڻي آ."

"ننڊ مان ڪالهہ جيان جاڳُ، وَري لِکُ هاڻي!"

"پيا رابيل اَسر ويرَ ٽِڙي لِکُ هاڻي!"

"تون وهائوءَ ڪان گهڻو ڏورُ ڏسي لِکُ هاڻي!"

تون چوين تہ "اُها ڪَر، جا سندءِ ڪرڻي آ"

"ڪنگريون جيئن پَري ڪوهہ کُڙي لِکُ هاڻي"!

تون چوين تہ "اُتي لِکّ، اُتي لِکُ هاڻي!"

Gul Hayat Institute

ڏات هَرڻــيءَ جيــان رُج ڏنــي آهــي ڪــا،
رُج، جا دُور وڃائـي ٿِي پـري ڪـان پَرتـي!
زندگيءَ ڪُجهہ نہ ڏنو سُڄّ ڏني آهي ڪا،
تون ڪُهيون ڪوٺِ، جنھن اُڄّ ڏني آهي ڪا!
بُک سانجهيءَ لئي جُڄّ ڏنـي آهـي ڪـا،
ڏس تہ ٿِئي سِڄ سڳائي ٿي پري ڪان پرتي!
ڪنهن 'رَسيِ وَتّ' ڇئي مُڄ ڏني آهي ڪا
ڏاتِ هـرڻـيءَ جيـان رُجَ ڏنـي آهـي ڪـا!

Gul Hayat Institute

شاعري، موت کي اِسرار بڻائي ويندينءَ،

عُمر جي هيئن لِکِي تنهنجي گُذرندي رَهندي!

جيئندينءَ تا بہ ابد، موتُ مِٽائي ويندينءَ

چَنڊَ جئن گهاءُ ڏِئي رات کي گهائي ويندينءَ

هِيرَ جئن پو بہ گهٽو ڪجھ تہ ڇُپائي ويندينءَ

جا ڪُٺي نانھ ڪويتا اُها وَرندي رهندي

سُونهن جو هڪ نئون سنسار بڻائي ويندينءَ،

شاعري موت کي اسرار بڻائي ويندينءَ!

Gul Hayat Institute

سارَ جي ڏارَ مٿان ڪيڏا پڪيئڙا آهن.
هر نئين سِجَّ نيون ٻولڙيون ٻولن ٿا!
ڏينهَن جي پيارَ جي ٻانهُن ۾ گذاريا آهن،
ٿي ڪَڪَر-چانوَ مٿان عمر تي بيٺا آهن،
يادگيرين ٻه يَڪا مِينهَن وَسايا آهن،
تاڪِيا پَٽَّ جا ڇڻ پَهراَچي ڪولن ٿا،
لونءَ ڪاندارجي ٿي ايترا لسّا آهن!
سارَ جي ڏارَ مٿان ڪيڏا پڪيئڙا آهن!

Gul Hayat Institute

عـمـر آغوش ۾ هـر رات تـي تـوڪـي ڳولـي،
تون خبر نانهہ تہ ڪيڏانهن هَلي وَئي آهين!
رات جا پـهـر سـتـارن سـان پـئـي تِي ڦولـي،
بـاڪ تـولاءِ پـڇي تـي پـئـي تـولـي تـولـي
پو چوي تي تہ ”پُڪاريوس، پڪيئڙا بولي!“
اِئن لڳي ٿو ڪِتي ڪَڪرِين ۾ رَلي وئي آهي،
سمنڊ ۾ يوءِ بہ ڇوليون ڏنيون مون ڇا ڇولي،
عـمـر آغوش ۾ هـر رات تِي تـوڪـي ڳولـي.

Gul Hayat Institute

ڏيرَ ڦالين اڳيان پيارَ پٽاريا آهن.
ڇا ڪٽان ڇا نہ ڪٽان، مان تہ مُنجهي پيو آهيان!
جيترا پيار ڪيا، سڀ اُهي ساريا آهن،
جڻ ڏِياريءَ جيان ڏيئڙا ٻاريا آهن،
ڪيترا چنڊ سنڌ ِ سار تي واريا آهن
ايترا چنڊ گهٽان، مان تہ مُنهنجي پيو آهيان
ائن لڳو جڻ تہ سَوين قولَ ڦٽاريا آهن!
ڏير ڦالين اڳيان پيار پٽاريا آهن.

Gul Hayat Institute

جي ٻُڌَءِ هيئن صدائون تہ اُڏامي ايندينءَ،
پئد سپ پاڻ تان هڪ سَٽ سان لاهي وجهندينءَ؛
مون اڳڻ جان نہ پڇين، پَر نہ ڪٿي ساهيندينءَ،
جئن گهٽائن ۾ تکو چنڊ، اِئين تي ايندينءَ،
راهہ ۾ ڪيتريون سالن جون چُميون سارينديءَ،
پهچنديئي تون ڳراتيون ڳلي ناهي وجهندينءَ
هر جدائيءَ ڪي پُلي جان وَري واريندينءَ،
جي ٻُڌءِ هيئن صدائون تہ اُڏامي ايندينءَ.

Gul Hayat Institute

پيار اڳ ۾ ٻه ٽيا هيئن ٽيو نانهه ڪڏهن،

چڙ ته مهتاب ڇُليو آهه ڇِتين ڇولين ۾!

گل مُسرت ۾ اَچي هِيرَ جُهلائي ٿي جڏهن،

تُنهنجي خوشبوءِ کي لڳاتار پکيڙي ٿي تڏهن،

پيارَ اڳ ۾ ٻه ٽيا، هِئن نه ٽيو آهه ڪڏهن!

شاعري هيئن ڏني ٿي ڪِٿي ٻين ٻولين ۾؟

پيار جا پُور ڪَنا هِيئن ڪيا آهن ڪنهن؟

پيار اڳ ۾ ٻه ٽيا هئن نه ٽيو آهه ڪڏهن!

Gul Hayat Institute

راڳ جا ڀاڳ تہ ڏس، ڪِئن نہ ٿِڙي پيو آهي

جئن ٿِڙي چيٽَ ۾ اڌ رات جو رابيل ڀَوي!
چڙ تہ خوشبوءَ جو ڪٿي پيرُ ٿِڙي پيو آهي
چڙ تہ پونرن جو مٿس ميڙُ مِڙي پيو آهي
چڙ تہ وَلهار مٿان چَنڊ ڪِڙي پيو آهي!
روشني روح مَٿان ايتري ٿي هيل ڀوي
چڙ تہ تارن جو پريان ڪوهہ ڳِڙي پيو آهي
راڳ جا ڀاڳ تہ ڏس، ڪِئن نہ ٿِڙي پيو آهي!

Gul Hayat Institute

جيترا پيار مليا ايترا قافيا آهن؟

ڪيئن ٻوليءَ ۾ اچن ايتريون زلف-وليون!

تو بري ڀي خدا چا نه ٻسايا آهن!

چنڊ جهڙن آنءُ ڏٺا ڪيترا چهرا آهن!

دل جي آئيني ۾ آيا ڪيئي جلوا آهن

مون تصور جون گهميون ڪيتريون گلرنگ گليون!

گُل تن منجهه ٽڙيا اوچتو ڪيڏا آهن!

جيترا پيار مليا ايترا قافيا آهن.

Gul Hayat Institute

پو بہ ورٹو تہ اَوَس هان جي مري ويندس مان،
ها، هتي راتِ رهي آنءُ هليو وڃڻو هان!
جئن اُتر واءُ گُهلي اِيئن ٺَري ويندس مان،
جيترا بارِ بہ ايندس تہ وَري ويندس مان؛
هن دفعي جئن ڪٽي گيتن جي پَرِي ويندس مان
چَندَ جِئن دُور ڪَهِي آنءُ هليو وڃڻو هان!
شمع وانگر تہ نہ آهيان جو ڳري ويندس مان،
پو بہ وَرٹو تہ اَوَس هان جي مري ويندس مان.

Gul Hayat Institute

هَر نئين رات نئين گهاتِ جڏهن آڻي ٿِي.
موتُ جو تيرُ ڳُسائي ٿي حياتي مُنهنجي
موت جي روز نئين مات جڏهن آڻي ٿي،
گيت آڪاس مَنجهان ڏات جڏهن آڻي ٿي،
سانوڻيءَ جئن پري برسات جڏهن آڻي ٿي،
ٿي ٿئي دِوُر اڳي ڪان ٻـ مماتي منهنجي
زندگي وائي نئين وات جڏهن آڻي ٿي
هر نئين رات نئين گهاتِ جڏهن آڻي ٿي.

Gul Hayat Institute

تـوڙ تـائـين نـہ هـلـيـو كـوبـہ ويـا سـڀُ مـوٽـي،
مـوڙَ تـائـين بـہ هـلـيـو آهـہ تـہ هُو جَس لـهـٽـي،
مـون جڏهـن لَڪّ لـتـاڙيـا ٽِي وڇوٽِي ڇوٽِي،
مون سان چاڙهي نـہ چَڙهيا، جي بہ هُيا گڏ ٽوٽي،
آئـيـنـي جيـئـن پَئـي چَنڊَ سـان چَمـڪـي ڇوٽـي!
جنهن بہ ڪُجهہ ساٿ ڏنو آهہ تہ هو جَس لهٽي،
جنـهـن سُڄاڻـي وَتـي آ ذات ڪَرِي ۽ ڪـوٽـي،
تـوڙ تـائـين نـہ هـلـيـو كـوبـہ ويـا سَڀُ مـوٽـي!

Gul Hayat Institute

مون تہ سي سيڻ ڪيا ننڊَ نہ ڪن تا جيڪي
سمجهنديں ڪيئن اِهو جيسين پنائي نہ پڙهين!
ٻُڪَ جي لاءِ ٻہ ٽي سَنگ ڪنيا جِن سيڪي،
جِن وهاڻا نہ هيا، ٽُڙَئي جي وينا ٽيڪي،
نِمُ جي ڇانو تني ڏينهن تا ماڻِن ڪي ڪي،
تون اِهو علم ڀلا منهنجي مَٿان ڇو ٿو مڙهين؟
مونکي وڻ ٽڻ سان مِلي لڙڪ وهائڻ ڏي ڪي!
مون تہ سي سيڻ ڪَيا، ننڊ نہ ڪَن تا جيڪي.

Gul Hayat Institute

هي اَملتاسِ تہ ڏِس سِجَ لٿي جئن پيلي!
آجيان چنڊَ جي ٿا اُن جا ڇُڳا ڪَن وَڻ مان
اِئن وئي سانجھہ جئين چانڀہِ اُڏاٽي نيلِي،
اَتِّ اونداهہ ڏسي ٻارِ نئين ڪا تيلي،
ڪُجھہ ڏِياتي تہ ٻري، ٻاهہ تہ ٿي پڙڪيلي!
روشني چَنڊُ ڪندو نيٺ تہ ڪنهن وقت مٿان!
تو نئون پَڪّ اچي، رات وَجي تاريلي،
هي اَملتاس تہ ڏِس سِج لٿي جئن پيلِي!

Gul Hayat Institute

آنءُ وڏــكــار ۾ جهــڏــكــارَ ٻُڌان تــو كــائــي
چيرَ چمڪي پَئي پر ڪيئن چوان ڪنهنجي آ!
ســارَ مــون لاءِ كــٽــي آئــي هــوا هَرجائــي،
جڙ پيڙ منجهه كڙي پئي نئين كُوٽي كائي،
۽ پونــر سُڏــس ركــي، آيــو اُڏارو كــائــي،
سارَ تمكي پَئي پَر كيئن چوان ڪنهنجي آ!
ســاهــ ۾ ســارِاهــا كــيــئــن چوان چو آئــي!
آنءُ وڏــكــار ۾ جهــڏــكــارَ ٻُڌان تــو كــائــي

Gul Hayat Institute

چنڊ جئن گم ٿي وئي آنهہ انڌيري پک ۾
چا رکان آس ڪڏهن آنءُ سهائي پَک جي!
چا نہ طوفان هُيو ڪالهہ اُڏاڻل ڪک ۾!
پيار مون لاءِ هُيو ڪُجهہ تہ جياپي-جَک ۾
ها، رهي آهہ اجان چٽنگ وِڇوڙي-رک ۾
ٻانهَن چو چِڪَ لڳائي پئي تنهنجي ٻَکَ جي؟
چا نہ ايندينءَ ڪڏهن تو وَري ٻيهر ٻک ۾؟
چَنڊَ جئن گم ٿي وَئي آنهہ انڌيري پَکّ ۾!

Gul Hayat Institute

جيءَ ٿا جهولٽي جٺن جُهلن واءُ ۾،

ٿي نٽي ۾ ڏکڻ هير جيئين اچي

ٿا ٻَونر کيترا ٺي ٻُلن واءُ ۾

ڳلّ رابيل وانگر کُلن واءُ ۾

ڏس تہ ٻيرو پيا ڪٺن رُلن واءُ ۾!

ٿي نظر ڪنهنجي تصوير جيئين اَچي

ڇاتيون کيتَ ۾ تيون ڇُلن واءُ ۾،

جيءَ ٿا جهولٽي جٺن جُهلن واءُ ۾!

Gul Hayat Institute

هن طرح دِل نہ وندراءِ منهنجا پرين!
درد جي رات آ، درد جي ڳالهہ ڪَر!
ڇو نہ اڄ رات تون درد جا گيت ٿِين؟
مات جي رات آ، لڙڪ مُنهنجا اُگهين؟
مون نہ سمجهو تہ تون ڪيئن ٿو ٿهڪ ڏِين!
سُرخ ڪَهڙو؟ ڪٿي؟ زرد جي ڳالهہ ڪَر
آنءُ پورا اگيئي، پيو تون پڄين!
هن طرح دِل نہ وندراءِ منهنجا پرين!

Gul Hayat Institute

تا لَڏن ڪارا ڄمون جيڪي پيا طوطا ٽُڪن،
اوچتو برسات جون بُوندون وڻن تي ٿيون وَسَن،
لوءِ ڪي لهسائيو هو هيل چوڏاري لُڪَن،
تاس پنهنجي ڄڻ ٻُجهائي ڪانءَ ٿي پاڻيءَ ٻُڪَن،
لُوءِ ايڏي جو اوائڙي ڍور ٿا هَر هَر ڍُڪن!
اوچتو ئي اوچتو تا اُپَ مان سانوڻ سِمن،
اوڙڪون ٿي آءَ ڪيسين هر طرف جر تر سُڪن!
تا لُڏن ڪارا ڄمون جيڪي پيا طودا ٽُڪن!

Gul Hayat Institute

تون ملين ها تہ ائين پيار ڪيان ها توسان؟
پيارَ جي لاءِ جُدائي تہ بُري ڪانہ آهي!
تو اَچي ياد سنڌءِ رَنگُ گلابي گُل جان!
توکي جنهن وقت ڏٺو آنءُ چني تاريءَ مان،
رنگ و بو تُنهنجي سدا لاءِ مون سمجهي جانان!
وقت جئن ڪابہ مگر تيز ڇُري ڪانہ آهي،
ڪينرا روهَ رُليا آنءُ جدا ٿي توکان!
تون ملين ها تہ اِئين پيار ڪَيان ها توسان؟

Gul Hayat Institute

اچين، اچين، نہ اچين مان پيو نھاريندس،
جيئن ڪجورُ چڙيون چنڊ لئہ ھَٽي پيئي،
ملينءَ نہ تون تہ ڪڏھن ٻاھڙي نہ ٻاريندس،
سڪر جاسيءِ اِئين تو سوا گذاريندس،
اُداس گيت چَئي پيار لئہ پڪاريندس،
سِرنھن-اُماسَ اُتر-واءُ ۾ چِٽي پيئي
ٻسنت-چنڊ پيو ٻارٻار ساريندس،
اچين، اچين نہ اچين، مان پيو نھاريندس

Gul Hayat Institute

ڪو حياتيءَ جو پتو ناهہ تہ ڪنهن وقت ڪُٽي!
جو بہ لِکڻو تي لکي ونءّ، هلي تي، جيئين!
ڪيئن چئجي تہ ڪتيندي تِي ڪڏهن تندُ ٽٽي!
موہ جي چار مَنجهان ڪوئي ڇُٽي يا نہ ڇٽي!
اُجَ جي سينگ لڳاتار پئي تِيرُ ڇُٽي،
مَن تہ آ رُجّ-هَرَڻ، پر ڏسي پٽڪي ڪيئين؟
ڪاش، ڪنهن وقت ڪٽي نور جيان نهر ڦُٽي!
ڪو حياتيءَ جو پتو ناهہ تہ ڪنهہ وقت ڪُٽي!

Gul Hayat Institute

رات جي وقــت تِکــي آءُ چَڪــوريءَ وانــگــر
گيت ٿو چنڊ جيان اڄ پئي چمڪي منهنجو!
تـون مـتـان دير ڪـريـن ننـڊَ نـدوريءَ وانـگـر!
ڪاش! مون ڏانهن اچين لونءَ ۾ لوريءَ وانگر،
ڏِس نـ درياهہ ڪـڏهن گهاٽ تي گوريءَ وانگر!
مـان مـجان ٿـو تـ گـهـڙيءَ لاءِ گـهَڙو ٻـوڙي ٿـو،
ڪنهن اَمرتا نـ مِلي جيءَ جي جهوريءَ وانگر،
رات جي وقــت تِکــي آءُ چڪــوريءَ وانــگــر!

Gul Hayat Institute

يـاد آئـي پَئـي ڪـلـهـ رات جو چنـبـل گـهـاتِي؟
تـانـتـيـا ڪـالـهـ هُيـس آنءُ اِهـو ڪـئـن چئـجي!
مـون جڏهـن سـارَ جي ڪـنـهـن وقـت ولـوڙِي مـاتِي
جُهـڙ تـيـا مُـنـهـنـجي انـديـري ۾ هـزاريـن جهـاتِي،
وِج وانـگـر مـون سـجي واتَ حـيـاتـي ڪـاتِي،
مون کي ڪنهن وقت هو تِر تانءُ، اِهو ڪئن چئجي!
يـا گـهـتـائـن ۾ سـنـدم سـار پَئـي گـهُومـاتـي؟
* يـاد آئِي پَئـي ڪـلـهـ رات جو چنـبـل گـهـاتِي؟

Gul Hayat Institute

---

* چنبل گهاٽي - دليءَ کان أتر پرديش ڏانهن ويندي هڪ گهاٽي، جنهن ۾ ڊاڪن جو آستان آهي ۽ جتي تانتيا ٽوپي انگريزن سان وڏي جنگ جوٽي هئي.

اھڙي دولت تہ ڪلاڪار کي ملڻي ناھي،
جسم آزاد ھجي روح بہ آزاد ھجي!
ھونءَ دولت تہ رڳو ڌوڙ آ، دولت ڇاھي؟
”زندگي ڪوڙ ُاتي“ ، موت پيو تو باھي،
جستجو جيءَ ۾ جنھن وقت بہ جنھن کي ڇاھي،
تنھن پنيان پنڌ ِپئي، پنڌُ رڳو ياد ھجي:
لَڪّ تي لَڪَ ھجي، پوءِ بہ ڪر ھو ڪاھي،
اھڙي دولت تہ ڪلاڪار کي ملڻي ناھي!

Gul Hayat Institute

ڳالهڙيون تنهنجون اٿين سونَ لَڙهين جان آهن،
پو بہ ڀانيان تو لِڪائين پَئي هيرا ڪيئي!
آزمائن ٿيون پيون ڪيرِ ڪِٿي بينا هِن،
سوچَ جا ڳُهنج سندءِ نِرڙ مٿان ٿا باهِن،
آنءُ ڀانيان تو اچا مون کي ٿا کوتڻ چاهن،
اصل جا ڳالهہ هُئي چو نہ پَڌر سا پيئي،
ٻولڙيءَ منجهہ اِشارا پيا ڪاڏي ڪاهن؟
ڳالهڙيون تنهنجون اٿين سون لڙهين جان آهن!

Gul Hayat Institute

رات مون ساڻ اگر جاڳين تون
چنڊ جي ناوَ ۾ تاربان توکي.
دور آڪاس سڄو جهاڳين تون
’ناٺهه‘ سان نينهن وري واڳين تون
جڳ کي جوت چئي تياڳين تون،
گيت جي جيت ڏياريان توکي
ڏات مون ساڻ اگر واڳين تون!
رات مون ساڻ اگر جاڳين تون!

Gul Hayat Institute

تون پِيون جهولَ پري نينگرڙي
دور ڪيڏانهن وڃين ٿي پيئي؟
ڳجّ تي پرت پري نينگرڙي
واندي ۾ سانجهه ڪَري نينگرڙي
ءِ چِيرَ چار تَري نينگرڙي
اڄّ جيڏانهن وڃي ٿي پيئي
پنڌ سو آهه پَري نينگري،
تون پِيون جهولَ پري نينگرڙي

Gul Hayat Institute

گيت برسات جيان ڪالهہ گگن ڳايا ها
انت ڪان پارِ صدائن مان هليو آيو هوس.
پيو تہ مايا هو پيلا گيت بہ سپ مايا ها؟
هو ٺهوڪا جي ڇِڪي مورٽيون آيا ها؟
۽ تتي ڏينهن ۾ روهيڙا رڳو ڇايا ها
جن جي هينان مان گهٽائن مان هليو آيو هوس؟
ساٿِ سانوڻ ۾ هُو سَرتيون نہ هيون، سايا ها؟
گيت برسات جيان ڪالهہ گگن ڳايا ها.

Gul Hayat Institute

هبرَ ۾ ڪا ڳالهڙي پيئي هَلي
ڪيئن چئجي ڪير؟ پاڇا ٿا اچن.
تي اڱڻ ۾ چاندني توڙي آلي،
آ سِرنهن خاموش، خوشبو ٿي سَلي،
وارَ کولي، ڳُجهہَ ۾ پنهنجي ڳلي،
هو ڪٿوريءَ جئن الا ڇا ٿا اچن!
جهومندا ڪارين گهٽائن جئن، بَلي!
ڪيئن چئجي ڪير؟ پاڇا ٿا اچن!

Gul Hayat Institute

هَر تصور کي بنا ڏوهه اُجاڙي ويئين؛
تون ته هر چيزَ کي ويران ڪَري، وئي آهين!
چاندني سَروَ صنوبر تي پچاڙي ويئين؛!
چَنڊَ کي دور گهٽا ۾ ڪٽي تاڙي ويئين؛
گُل ته زنجير هيا پو به لتاڙي ويئين؛
هر تبسم کي بيابان ڪري وئي آهين
تو بُڌايو به نه ڪنهنجي پئي پاڙي ويئين؛!
هَر تصور کي بنا ڏوهه اُجاڙي ويئين!

Gul Hayat Institute

عشق جي لاءِ جوانيءَ جي ضرورت آهي؟
عشق پيريءَ ۾ اڳي کان به چڱو ٿيندو آ
مُنهن انڌيري ۾ ڪَئي چنڊ محبت آهي
چنڊ ناريل مٿان صرف صداقت آهي
پو به نيرو ٿو چِڪي پيار ۾ حيرت آهي
ٿو ڇوي ڪيرُ ته پيريءَ ۾ بُرو ٿيندو آ
عمر سان عشق ۾ ڏس ڪيڏي نفاست آهي
عشق جي لاءِ جوانيءَ جي ضرورت آهي؟

Gul Hayat Institute

چٽي، ڪڏهن بہ چٽي، عشق ڳُل جيان آهي
اَچين، اَچين نہ اَچين، دَر تہ پوتجي ويو آ!
اڳي جيان نہ هِتي ڪابہ آجيان آهي
ندي اُٿين ٿي اڳي جئن رَوان دوان آهي
اُنهيءَ تي ٻَڙ جو هيو سوڪَڙو اجان آهي
اگرچہ هاڻ اڳوٽو ڪَپر ٻُڏِي ويو آ
نہ ڳولِ گهاٽ اَڳيون، سير ۾ ڪٿان آهي!
چَٽي، ڪڏهن بہ چٽي، عشق ڳُل جيان آهي.

چَنڊَ! ڪنهن توکي چيو آنءُ لَڏَڻ چاهيان ٿو؟
چا نہ ڳُل مَهر مٿان چاندني پياري آهي!

Gul Hayat Institute

چَنڊَ! ڪنهن توکي چيو ڏيهه ڇڏڻ چاهيان ٿو؟
تنهنجي نگريءَ ۾ نئين واند اَڏڻ چاهيان ٿو،
سَڏَ پولار ۾ ڪنهن لاءِ سَڏڻ چاهيان ٿو،
تي وَسي ماڪ مٿان راتڙي پياري آهي!
نئن جيان گيت گهٽائن ۾ گڏڻ چاهيان ٿو
چَنڊَ! ڪنهن توکي چيو آنءُ لَڏڻ چاهيان ٿو؟

Gul Hayat Institute

نہ آئينءَ، نہ آئينءَ، نہ آئينءَ تون

اَلا! چانڊني رات گُذري وَئي!

نہ گُل مَهرَ تِي ڳَلِ لڳائينءَ تون

نہ رابيل سان جيءُ لائينءَ تون

نہ اڱ جئن ٿَري ڳيچ ڳائينءَ تون

وَري بي بہ برسات گُذري وئي

ڪٿي مورٽيون ٿي ڇپائينءَ تون

نہ آئينءَ، نہ آئينءَ، نہ آئينءَ تون!

Gul Hayat Institute

تون آءُ، هلي آءُ، هلي آءُ، هلي آءُ!
تيون چنڊ ڳليون روز سنڌءِ پير نهارن.
تون نانهه ته تو چنڊ جيان روز ڇڪي گهاءُ!
تون نانهه ته هر رات تڏا ساهه پري واءُ!
تون نانهه، سڳنڌون نه ڏين ڪالهه جيان ساءُ!
ڦولارجي وڻ ٽا پيا چوُڦير نهارن
ڇا لاءِ وئي آنهه ڪسي چنڊ ڳلين چاءُ؟
تون آءُ، هلي آءُ، هلي آءُ، هلي آءُ!

Gul Hayat Institute

تـو لاءِ ٽِڙيـا گُل تـہ تيـون ڪـيئـي سڳنـڌون،
تـيـو جاڻُ ڀـنـيـرڪـو تـون ڀَلـي آءُ، ڀَلـي آءُ!
تــولاءِ ڀــره-هــيــر ڌِســي تــي ڀِــئـي واتــون،
تـولاءِ گـلابـن تـان تَڪِـن مـاڪ جـون بُونـدُون،
رابـيـلَ پُڇن ٿـا تـہ ڪـٿـي دير ڪـئـي تـون؟
هـي ڪـڙئـي بـيـتـاب هـلـي آءُ، هَلـي آءُ!
ڌس ٻانهون وڌائن تيون پيون باک جون ريکُون
تـو لاءِ ٽِڙيـا گُل تـہ تيـون ڪـيئـي سڳنـڌون!

Gul Hayat Institute

هزار رنگَ سنڌءِ ڪائنات آ سائينْ!
حياتِي سانجَهہ لٿي جئن سَمنڊ ۾ ٻيڙي!
خبر نہ آهہ تہ ڇا ۾ نجات تو پائئين!
جڏهن گلاب ڦُٽن، تو هوائون هِرڪائين،
اُنهن جي خوشبو ڪي تو دور دور ڦهلائين،
اُها وڃي ٿي جِئين ڪا گُهمنڊ ۾ ٻيڙي
سَرءُ جي ڪُنّ ۾ تون نيٺ پَنّ ڦيرائين!
هزار رنگ سنڌءِ ڪائنات آ سائين!

Gul Hayat Institute

سارَ ڪي سِٽّ تيڻ لاءِ ڪيئي سالَ ڪَپن،
سِٽَ ڪنهن سَمنڊ مان ڇوليءَ جيان اُڀري تي اچي!
جيءَ جهنجهوڙ ڪپن ۽ ڪيئي جنجال ڪَپن،
مَٿّ موڪيءَ جا ڪُلن، مَڌ جا پِلا پالَ ڪَپن،
شاعريءَ لاءِ نوان نينهَن-مَهيوال ڪپن،
سِٽّ سُهڻيءَ جيان درياهه مان اُڀري تي اچي!
سِيرَ ۾ ڪيئي ڪَتيون، جوتِ جا ڪَنمالِ ڪپن،
سار ڪي سِٽَ تيڻ لاءِ ڪيئي سالَ ڪَپن!

Gul Hayat Institute

عيد آئي تہ وَري ياد سنڌ آئي آ
تو سَوا چَنڊ اڪيلو ٿو لڳي چڻ مون کي!
ڪيڏي قالين جيان هينان ڇپر سائي آ!
موٽرون، شور، مگر پيھہ ۾ تنهائي آ،
تون ڪٿي انهہ پرين؟ اڪّ ڦري ڏائي آ
ويجهو تنهنجو ڪٿي پيرو ٿو لڳي چڻ مونکي!
مان ٿي آرهو ٿو لڳان ڪيتري سرهائي آ!
عيد آئي تہ وَري ياد سنڌ آئي آ!

Gul Hayat Institute

ڪا خبر نانھ تہ ڪنھن وقت چئي موت تہ ”هَلُ!“
ڪُوچَ نَقارو ڪڏهن نيٺ تہ وَڄڻو آهي!
پِيھہ مِ موتُ اَچي ۽ چئي، ”تولا چَڏ، تَلُ!
”تون رُڳو نانھن، زمانو تہ پلئون تي آ پَلُ“
مان نہ ڄاڻان تہ تو ڪنھن وقت ڪُٿي هِت اَنَ جل!
ڄاءِ ڪا نانھہ جتي موت ڪان پڄڻو آهي.
آ غنيمت جو حياتيءَ جو مليو آ پيو پَلُ
ڪا خبر نانھ تہ ڪنھن وقت چئي موت تہ ”هلُ“!

Gul Hayat Institute

تي تنئي، شام، ڪجل پائي اکيون ڪاريون ڪن،
ڳيچ ٻائن تيون تہ گهر تو نہ لڳي گهر وانگر!
تي مٺا ميڙ تہ تيون ناچ سکيون ساريون ڪن،
لڄ لاهي پوء اها سوچ ٻيون ڪنواريون ڪن،
راتڙيون ڪيئن پراڻيون تيون نيون ناريون ڪن
سڄ جي ليڪ سان سر تو نہ لڳي سر وانگر!
ڪيترو من کي پيون پنهنجي ڪکيء ڪاريون ڪن!
تي تنئي شام، ڪجل پائي اکيون ڪاريون ڪن.

Gul Hayat Institute

مون چتائي جو ڏنا ڦٽَ ڀُراٽا ٿَنهنجا،
تُنهنجي نفرت کان سوا تِن جو سبب ڪونہ هيو.
ڦٽّ هِي نيٺ ڇُٽن ڪيئن اياٽا تُنهنجا!
هاءِ نفرت ۾ ڳِهريل سارا گهَراٽا تُنهنجا!
پيار کان وَنءُ ٿا وڃن جيءَ جڳاٽا تُنهنجا،
تنهنجو نفرت کانسواءِ ٻيو ڪوئي رَبُ ڪونہ هُيو
ٿيون صديون، پوءِ بہ شعلا نہ وساٽا تُنهنجا.
مون چتائي جو ڏنا ڦٽَ ڀُراٽا تنهنجا.

Gul Hayat Institute

خدا جي راهہ ۾ ڏِس ڪيتريون ڳِليون آهن،
اگـــرچہ آنءُ رُڳو شـــاهـــراهـــہ ورتـــي آ!
خدا جي راهہ ۾ ڪيئي سڪيون مِليون آهن
گـهڙا سِرن تي رکي تورَ سان تِليون آهن،
قدم قدم تي ڏِسي ڪَنڊِ ڪي ڪليونُ آهن
لـهـولَهـان گـل و گـلـزار جيـئـن ڏرتـي آ
اُنـهـن ڏِنـو نـہ ڪـٿـي ڪـيـتـرو ڇِـلـيـون آهـن!
خُدا جي راهہ ۾ ڏِس ڪـيـتـريـون ڳِـلـيـون آهـن!

Gul Hayat Institute

خدا جي چوند نہ ڪَر، پاڻُ چا نہ ٿي پيارو؟
خدا سان عشق ائين، جيئن رقص خنجر تي!
ٻُڏي ويام سيپيئي، ڪِٿي ڪٿي تارو
ڏئي ٿو ڏيکُ، تہ ڏيکارجي پيو چارو،
خدا جي راھہ جيان نانھہ ڪوئي نيتارو،
لھولھان ٿا وجن پيرَ اُن مٿان پرتي،
ھَلين تہ آءُ ڳچيءَ ۾ ڪَري ڪَڏھن ڳارو،
خُدا جي چوند نہ ڪَر، پاڻ چا نہ ٿي پيارو!

Gul Hayat Institute

ڪڏهن تہ شام کي آغوش منجھہ آڻي ڏس،
شفق جو رنگ لبِ يار جيئن ٿي ويو آ!
سَڏي ٿو ڏورُ، هَليو هَل، پُلي نہ پاڻي ڏس!
ڪڏهن تہ پاڙ پَري ڪان پَري اُماڻي ڏس!
’اياز‘ رنگ رَليون چار ڏينهن ماڻي ڏِسُ!
مگر سناءُ سجو، چار جِيئن ٿي ويو آ
مَچيءَ جيان پيو تڙقين، ڪَنڌيءَ تي هاڻي ڏِس!
ڪڏهن تہ شام کي آغوش منجھہ آڻي ڏِس!

Gul Hayat Institute

نـه ٻوڙ نيرَ ۾ ڪَپـڙا ڀُلـي نـه چَنـڊ پـوي

تـه هيءَ ڪير سندس خاندان مان آهي؟،

بَسنت هيرَ، متان ماڪ تي، پَئي برسَي،

اَسُر اجان نــه ٿــيــو آه، نـــنـــڊ آ پــاڙي،

لـڳي هَوا تـه متـان ڳوٺ ۾ ڍنـڍورو ڏي،

’اُتـو، ڏسـو هي پَريان آسـمان مان آهي،‘

انهيءَ طرح تـه ڳُجهي ڳالهڙي پئي ڦهلي!

نـه ٻوڙ نِيـرَ ۾ ڪَپڙا، ڀُلي نـه چَنـڊ پوي!

Gul Hayat Institute

ڪڏهن تہ آءُ سنڌءِ آرسي تہ آهيان مان!
پساءِ پاڻ انهيءَ ۾ ڪڏهن تون چنڊ جيان!
اُداس ڪوهہ جيان تيرگي تہ ناهيان مان،
ڏٺي ڇلانگ نديءَ وانگيان تو ڪاهيان مان
سوين ستارا پيو پاڻ سان وراهيان مان
اچين تہ پاڻ پسايان مان ساري مَنڊ جيان!
وري سُجاڳ ٿي هرلهر سان نباهيان مان
ڪڏهن تہ آءُ سنڌءِ آرسي تہ آهيان مان.

Gul Hayat Institute

اچو، پٿر کي تراشيون، ڪَيون وري ظاهر
صديون ٿيون، ڪا هتي مورتي ڇُپي وئي آ
ڏسو! اننت-ڏياتيون، ٻري پيو مندر،
اچو تہ پنڊ پَهڻ تي، لڳي پئي هوُ برُ!
اچو ڪَلا تي انهيءَ تي ڪري ڄڏهن جهرمر،
تڏهن لڳي ٿو تہ ڪا ڪامڻي ستي پئي آ!
اچو پٿر مان انهيءَ کي ڇڪي اچون ٻاهر!
اچو، پٿر کي تراشيون، ڪيون وري ظاهر!

Gul Hayat Institute

خبر اٿي تہ بہ چوٽيون جڏهن ڪرين پيئي،
نڏهن اٿين تو لڳي نانگ ڪَن ٻيا لهرا!
ٻرينء جي پارِ جڏهن ٻنڌ تون وڃين پيئي،
اٿين لڳي تو تہ ٿون واءُ جئن گهلين پيئي،
هوا ڪان تيزُ ڇَپر تان جڏهن ڇُلين پيئي،
تڏهن نہ ڪوبہ رڪي ڪونہ ٿو سگهي ٻَهرا!
اٿين سماج جا زنجير چو ڇنين پيئي.
خبر اٿي تہ بہ چوٽيون جڏهن ڪرين پيئي،

Gul Hayat Institute

چَري! هي عشق جو اِقرار ايترو جلدي،

اَجان اَٽي تہ سندس ڪانہ آ ڪُتي دل ۾!

اَڙي! هِي پيار جو اظهار ايترو جلدي!

دلين جِي ٿِي نہ خريدار ايترو جَلدي!

اکيون اِئين نہ ڪجن چار، ايترو جَلدي!

اجا تہ چيتِ رُڳو آهہ ڪا پَتي دل ۾،

ڪيو ٿي ويچ جو ويچار ايترو جلدي!

چَري! هي عشق جو اِقرار ايترو جلدي

Gul Hayat Institute

هيرَ ۾ ڪا ڳالهڙي پيئي هَلي،
ڪيئن چئجي ڪيرِ! پاڇا ٿا اَچن
ٿي اڱڻ ۾ چانڊني توڙي اَلي،
آ سِرنهن خاموش، خوشبو ٿي سَلي،
وار کولي، ڳُجهه ۾ پنهنجي ڳلي
هو ڪثوريءَ جئن الا ڇا ٿا اَچن.
جهُومندا ڪارن گهٽائن جئن، بَلي!
ڪيئن چئجي ڪير! پاڇا اچن.

Gul Hayat Institute

چا ڪوئي ڳُل تو نمودار ٿئي مقصد سان؟
چا شفق تي ڏئي پيغام به ڪوئي ڪنهن کي؟
ڳل تي پوپٽ تو ڪڏهن ڦيرا ڏئي مقصد سان؟
رنگ و بو مان تو ڪڏهن سُرڪ پئي مقصد سان؟
حُسن بي لاءِ تو ڪنهن وقت جئي مقصد سان؟
حُسن آ عشق جو انعام، ملي تو جنهن کي
تنهنجو اُن ساڻ نه تو پيار ٿئي مقصد سان؟
چا ڪوئي ڳُل تو نمودار ٿئي مقصد سان؟

Gul Hayat Institute

سيءَ جي رات، پَئي باھہ ٻري سِگ ِيءَ ۾،
آءُ، ھَٿ سيڪِ، سُيان تائبن ھجون يا نہ ھجون!
يارِ ٻو گرم بدن ڇا نہ وٺي تو سيءَ ۾!
ھئن مِلي يا نہ مِلي پيارُ حياتيءَ ڀيءَ ۾،
ڪجھہ تہ ڳالھاءِ پرين جو ٻہ اَچيئي جيءَ ۾
تون ڇڏي چيڪِ، سُيان تائين ھجون يا نہ ھجون!
ائن نہ ڇئجانءِ ڪڏھن ڪجھہ ٻہ نہ آ ڏرتيءَ ۾!
سيءَ جي رات، پيئي باھہ ٻري سڪريءَ ۾.

Gul Hayat Institute

سِرِيھن ڦُلار ۾ آھي، اڃا نہ ايندينءَ تون!
شفق زمين تي پيلاڻ ٿي وئي تنھنجي
ھوا خمار ۾ آھي اڃا نہ ايندينءَ تون؟
بدن اُڌار ۾ آھي، اڃا نہ ايندينءَ تون؟
تڏھن کان پيار ۾ آھي، اڃا نہ ايندينءَ تون؟
ھن کان ساھ ۾ سرھاڻ ٿي وئي تنھنجي،
اُفق نھار ۾ آھي، اڃا نہ ايندينءَ تون!
سرنھن ڦُلار ۾ آھي، اڃا نہ ايندينءَ تون!

Gul Hayat Institute

* ڪڏهن ڏنو ٿي پريان لوءِ جي پريان لوسڻُ
نِمي هوا ۾ نسورو سلام ٿيندو آ!
ڪجين تي هونءَ تہ ايڏو وَڏيو پئي سانوڻ
وَهين ڪي واءُ ۾ جيڏو لڳو پَئي ڏانوڻ!
ڏکڻ ڪان هيرَ ڳُهلي ايتري تہ مَن - پانوَڻ،
جئين پري ڪان پرينءَ جو پيام ايندو آ
هيون اِئين آ جِئين ڏوپجي ويو وڻ ٽڻ،
* ڪڏهن ڏنو ٿي پريان لوءِ جي پريان لوسڻ

Gul Hayat Institute

* پريان لوءِ: پريالو، خيرپور ضلعي جو هڪ ڳوٺ.

شفق جي رنگ ۾ ڏس هو، ڳِدامڙيءَ جو وڻ،
انهيءَ تي ڪيترا ڇيِها اڇي مِڙيا آهن!
انهن جي گيت ۾ پَن پَن ڳِنار آهي جَڙ!
انهيءَ جي ساهه ۾ گرجي پيو ڪوئي ساوَڻ،
اتيو آ ساهه پُٽي ڇانوَ ۾ ريِن جو ڏَنِ،
ڏراڙ ڳوٺ وڃن تا، اُتا ماتا آهن،
اَچي تو مينهُن، وُنو جي ته دورُ آ واهڻ،
شفق جي رنگ ۾ ڏِس هو گدامڙيءَ جو وَڻ!

Gul Hayat Institute

پرَي پَري کان پِرين تون نظر اچين پيئي،
ڪڏهن ڪَتيءَ جي ڪڪر جئن ڇُپي وڃين ٿي تون!
شفق جي شام جيان چڙ تہ ڏيک ڏين پيئي
لڳن ٿا وارَ گهٽائون، جڏهن وڃين پيئي،
سرءُ سان پيارُ ڪَري، سجّ کان لڪين پيئي،
لهي ٿي رات تہ رُوپا جيان لڳين ٿي تون
اُداس آهہ انڌيرو، ڪٿي وسين پيئي؟
پَري پَري کان پِرين تون نظر اچين پيئي.

Gul Hayat Institute

لڳي تي لوءِ، ڪجين مَ پچن پيا ڏوڪا،
تپي وئي آ سجي لوءِ اڄ نہ جهولي سان!
ڪَڪر اچن ٿا، وَڃن ٿا رُڳو ڏئي ٽوڪا،
پئي نہ بوند ڪٿي هيل تائين آ چوڪا؟
سِرَن تي سِجّ مٿان تو هٽي پيو ڪوڪا،
هَلو تہ گهر ڪي پُڄون، الامانَ روئي ڪان!
ائين ٿتا نہ ڪڏهن ڏينهن جيئن هيلوڪا،
لڳي تي لوءِ، ڪجين مَ پچن پيا ڏوڪا.

Gul Hayat Institute

چَنو نہ چانوَ، رڳو ڪانوَ سي بہ سپ پياسا،
لڳي تي لُوءَ، جهُلن ٽيون پيون ڪنڊيءَ ڪامون!
وَري وَساءِ اسان تي ڪڏهن تہ چوماسا!
ڪَٺا بہ ڪونہ رهيا جوءِ ۾، ڪٿي ڪاسا!
ڪسي بہ ڪانہ رهي آ، سُڪي وئي آسا
* پگهر ۾ هيل شرابُور ٿي ويون شامون
ڏسين ٿو واهٽي سارا اُڌس، اٿاسا؟
چَنو نہ چانوَ، رڳو ڪانوَ سي بہ سپ پياسا.

Gul Hayat Institute

---

* [illegible] سمنڊ.

خبر نه آهه ته تولئه اَداس آهيان ڇو؟
ٻه ٽي دفعا ته ملي آنهه سانوڻيءَ وانگر!
نون منهنجي ٿي نه سگهين ٿي اهو ٻه سمجهان ٿو،
مگر اڃين ٿي ته تنهنجين اکين ۾ آمجهان ٿو!
سبب نه آهه ته هٿن توکي آنءُ چاهيان ڇو؟
رڳو تون نانهه سکي چيٽ-چانڊنيءَ وانگر!
ڇوان ٿو توسان پلا نينهن مان نباهيان ڇو؟
خبر نه آهه ته تو لئه اُداس آهيان ڇو؟

Gul Hayat Institute

ڀوي تو مينهن، ڳلن تان پيون ڦڙيون ڇلڪن،
پرينءَ جي پاسِ رهي سانوڻيون گذاريون مون!
تيون رهگذار تي چاتيون هزار ڇل ڇل ڪن.
اگرچہ مون ڪي ڍڪي آ ڇڏيو پرينءَ پلڪن.
تلور جيئن پيا آدمي هتي تلڪن،
ڪٿيون جي توسان نہ سي راتڙيون وساريون مون،
اڇن ٿيون ياد جيئن جهڙ جهمن، ڪٿيون جهلڪن!
ڀوي تو مينهن، ڳلن تان پيون ڦڙيون ڇلڪن،

Gul Hayat Institute

ڪڏهن تہ آءُ لهي آءُ چانڊنيءَ وانگر،
ڪڏهن تہ آءُ گهرن تي اُداس اوندهہ آ!
ڪڏهن تہ آءُ گلابن جي تازگيءَ وانگر!
پرهہ جو مينهن وُٺو آهہ شعريءَ وانگر!
ڪڏهن تہ گهر ۾ گهڙي آءُ زندگيءَ وانگر!
پپل جي ڏارَ مٿان جن پکين جي چهہ چهہ آ
لنوي نہ لاتَ اُنهن تُنهنجي ٻولڙيءَ وانگر!
ڪڏهن تہ آءُ، لهي آءُ چانڊنيءَ وانگر!

Gul Hayat Institute

ڏسـهـري شـام رهـي آ نــ رنـگُ هـولـيءَ جو
سـنـدن گهـرن ۾ سـڄي زنـدگـي بـدلجي وئـي!
ڦُـچان تـ ڪـنهن ڪان ڦچان آنءُ نانءُ گانديءَ جو!
ڏيـان تـو سَڏُ اهـنـسـا ۾ آجـڪـائـيءَ جو،
اڄان تـ آنءُ ڪوي هـان وِشـال ڌرتـيءَ جو!
ويـا جي گـورا تـ ڇا دُرگـتـي بـدلجي وئـي؟
جواب تـنـهـنجي ڪـي جڙ ويس آ نـنـوليءَ جو!
ڏسـهـري شـام رهـي آ، نـ رنـگُ هـولـيءَ جو!

Gul Hayat Institute

خبر نہ آهہ تہ ڪھڙي لڳن لڳائي وَئينءَ
خبر نہ آهہ چو ڳوڙها اجا سُڪا ناهن!
هتان وَئينءَ تہ سندم چِئن چو تڳائي وئينءَ؟
انيڪ ٻول سندم ساهہ ۾ سمائي وئينءَ
اکين سان گيت سکيِ ايترا تہ ڳائي وئينءَ
جو شعر مينهن جيان هُن اُڳي وَٺا ناهن
* لڳي ٿو جيءَ کي جل-مٿ جيان ٻٽائي وئينءَ
خبر نہ آهہ تہ ڪھڙيِ لڳن لڳائي وئينءَ!

Gul Hayat Institute

---

* جل-مٿ ــ آفاتي سيلاب

زنــدگــي آ سَويــن امــڪــان نــہ ڄاڻــان ڇا ٿــئــي!
ڪـيئن چئجي تہ ڪـڏهن مينهُن ٻنا ٻوڙ وَسي!
تا اَڇن جڻ ڪـيئي طـوفان نـہ ڄاڻان ڇا ٿئـي!
هـي نـئـين دؤر جا انـسـان، نــہ ڄاڻــان ڇا ٿــئـي!
جيــڏا دانــا تــيــڏا نــادان، نـــہ ڄاڻــان ڇا ٿــئــي!
ايــتــرو بــغض مــتــان نــيــٿ ســنــدن مَـتِ ڪــســي!
ٿــي وڃن جنــگ جا اعــلان نـــہ ڄاڻــان ڇا ٿـــئــي!
زنــدگــي آ سَويــن امــڪــان نـــہ ڄاڻــان ڇا ٿــئــي!

Gul Hayat Institute

گلاب جيئن تڙي هانءُ، او ڪڏهن ايندينءَ؟
ڪـڏهـن تـہ آءُ وَري تـون مـجاز تـي مـون وَٽ!
جَپي ٿو چَنڊُ سنڌ ءِ نانءُ، او ڪڏهن ايندينءَ؟
نہ ٿاڪ تُنهنجو نہ ڪي ٿانءُ، او ڪڏهن ايندينءَ؟
لنوي ٿو نمّ مٿان ڪانءُ، او ڪڏهن ايندينءَ
اگـر تـون آئـينءَ تـہ رهـنـديـنءَ راز تـي مـون وَٽ
ڏنـو آ ڏات اهـو ڏانءُ، او ڪـڏهـن ايـنـديـنءَ؟
گلاب جيئن تِڙي هانءُ، او ڪڏهن ايندينءَ؟

Gul Hayat Institute

ڪڏهن تہ چانوَ ڪري وَج اسان تي بادل جان
ڇَمر جي ڇاتَ! ڏِسن ٿيون پيون اکيون تو ڏانهن.
ڪڏهن تہ آءُ، اچي ويهہ تون ائين پرسان،
جِئين بسنت اچي، موتيا ٽِڙن توماں،
متان سڳنڌ جيان تون هلي وڃي پرتان
گُلن تي ماتَ! ڏسن ٿيون پيون اکيون تو ڏانهن
نہ لاتي آس نما شام تائين آهہِ اَسان!
ڪڏهن تہ چانوَ ڪَري وج اسان تي بادل جان

Gul Hayat Institute

اڃا تہ ڪيئي گهٽين ۾ گُهلي نہ آهين تون!
بسنتَ هيرَ! ڀلا مون ڳري ڪڏهن ايندينءَ؟
سدائين پيئي نوان رهگذار چاهين تون!
سَچي ٻُڌاءِ! ڪٿي منهنجو وهم ناهين تون؟
سدائين جنڊُ چمين ٿي، سدا اُتاهين تون
سُڳنڌَ سِيرَ! ڀلا مون ڳري ڪڏهن ايندينءَ؟
اڃا تہ آنهہ پرينءَ وانگيان پرانهين تون
اڃا تہ ڪيئي گهٽين ۾ گهلي نہ آهين!

Gul Hayat Institute

شبِ برات آ، تارا مٿان پيا ٽمڪن
گهرن ۾ ڏيئڙا جڻ تُنهنجي آجيان ڪَن ٿا!
اڃا تہ جيءَ ۾ ڪجهہ آسرا پيا جهمڪن
اڃا اکين ۾ پيا تنهنجا پيار رمہ جهمہ ڪَن،
اڃا تہ ڳالهڙيون ڇير جئن پيون ڇمڪن
سَرن تي سيئڙا جڻ تنهنجي آجيان ڪن ٿا
ڀَرن ۾ هنج لڪي ٿا ڪڏهِن ڪڏهن ڇِمڪن
شبِ برات آ، تارا مٿان پيا ٽمڪن.

Gul Hayat Institute

رات جي رات خرابـــات ۾ گـــذري ويـــنـــدي،
ڏس، دريـچي مـان لـڳي چنـڊ تـو ڪـيـڏو پـيـارو!
زنـدگـي تُـنـهـنـجي ائـين ذات ۾ گـذُري ويـنـدي
ذات سـان چڻ تـہ مـلاقـات ۾ گـذري ويـنـدي،
جي ڪـديُـئـہ پـيـرُ، خرافـات ۾ گـذري ويـنـدي،
آدمـــي ذات، سـڄو شـــهـــر انـــدر جو ڪـــارو
هر گهڙي تُنهنجي سندس گهات ۾ گذري ويندي،
رات جي رات خرابـــات ۾ گـــذري ويـــنـــدي.

Gul Hayat Institute

---

* دريچو (فارسي): ننڍي دري.

وڄّ، ميان وَڄ! اسان لاءِ تہ ڪُجھہ ناهين تون
آ وئـي آگ وسـامـي تـہ رڳي رک آهـي.
ڪو پتو نانهہ تہ ڪيڏانهن پيو ڪاهين تون!
منـزلون دور ٿـيون، پـيرَ نـہ ٿو ساهين تون
چا اِهـا چاڻ اَٿـي چا ٿـو پـيـو چاهـين تـو؟
تُنهنجي جا ڳالهہ ٻہ آ جڻ تہ رڳو جڪَ آهي
هي نئون دؤر اچا ڪونہ ٿو ساچاهين تون،
وڄ ميان وَڄّ، اسان لاءِ تہ ڪجھہ ناهين تون.

Gul Hayat Institute

سدا گُلاب هوا ۾ ٽڙي پيا آهن
ٽي سارَ تُنهنجي اچي، ڇڻ تہ جُهڙ جهمن ٿا پيا!
انيڪ خواب اکين ۾ کِڙي پيا آهن
لڳي ٿو ڪوهہ گهڙيءَ ۾ گِڙي پيا آهن
وَري پياڪ مَنن تي مڙي پيا آهن
نوان شراب انهن ۾ وري سُجهن ٿا پيا
مجان ٿو پي ڪَري ڪيئي ٽڙي پيا آهن،
سدا گلاب هوا ۾ ٽڙي پيا آهن.

Gul Hayat Institute

اجا تہ پيو بہ پيارينم، پياس ڪانہ ٻُجھي،
ڪلال! ٻرڪَ پيا ڪن جي ڪانہ آھي تو!
لھي تو سِجّ، وَھي وقت جي ندي پيئي،
شرابِ ناب سجي ڪائنات تي وبئي
اجا خُمار تيو نانھہ، جامَ ڏي ڪيئي
اجا تہ مَدّ متن ۾ سنڌءِ نہ آھہ ڪُٺو
اجا پيار، اجا ٻي، ٻَري ٻري ٻي پي!
اجا تہ پيو بہ پيارينم پياس ڪانہ ٻجھي.

Gul Hayat Institute

ڄامشوري جي هوا ۾ پَن اڏامن تا پيا
باک تائين آن ۽ تُنهنجي راهه ڏسندو ٿو رهان.
صبح ٿيو آهي، صنوبر رات مون سان جاڳيا
ڪلهه جيان چوڌار ڇِهه ڇِهه ۾ پرندا ساڳيا
ڪيئن ڇئجي ڪيترا اڄ عشق ۾ اوجاڳيا!
ڇا چوان، تو لئه تڪيندي سُورَ ٿو ڪيڏا سهان
* ڪيئن ڇئجي، تون به مون لئه رات جاڳين آ پِيا
ڄامشوري جي هوا ۾ پَن اُڏامن تا پيا.

Gul Hayat Institute

* پيا: پرين

اجا تہ ويھہ! ڏوپھرو ڪري پلي وڃجانءِ!

اجا تہ آهہ تَتيءَ تاءُ، ٿي ٻري واري!

پَلي پَلي تون پريءَ پارِ رات ٿانءِ ٽِجانءِ،

ٻَري نہ آه هٿان پنڌ، پونءِ ايندءِ پانءِ!

اُتامرو تہ نہ ٿي، واٽَ تو سَنئين سليانءِ،

پلي مَهار چِڪي ڏِس، جڏهن نرمِ واري

جڏهن پڄين تہ سين کي سندم سلام ڏجانءِ!

اجا تہ ويھہ! ڏوپھرو ڪَري پلي وڃجانءِ!

Gul Hayat Institute

ڪڏهن ته آءُ تَپُون شام وقت لوڙهي تان،
ڪڏهن ته آءُ افق پار مون سان ڏاٻو ڪَر!
ڪڏهن ته آءُ پڄون مَرض، موت، پيريءَ ڪان!
۽ تي گهڙيون ته گذاريون وري ڪويتا سان!
ڪڏهن ته آءُ پريون ڏُکَ کي اَمرتا مان
ڪڏهن شفق کي او اوتار جهاٻو جهوُڙو ڪر!
ڪڏهن ته ڪاهه تون ڪَرهو پري پري هِتڙان!
ڪڏهن ته آءُ تپون شام وقت لوڙهي تان!

Gul Hayat Institute

اَچو، اَچو تہ اِئين آسمان ڦيرايون
ڪُنِيَر چَڪيءَ تي نوان ٽانوَ ٽو جِئين جوڙي!
اچو تہ اڳ ۾ ربگو آدميءَ کي بدلايون!
اچو، ڏڪار سندس جيءَ مان ڏڪارايون!
اچو تہ پيار جا پهراڻ ڪيس پارايون!
گُلن جي ننڊ ڦٽائي، هوا ۾ ڪَر موڙي
بسنتَ هيرَ جيان گيت کي نوان ڳايون!
اَچو، اَچو تہ اِئين آسمان ڦيرايون!

Gul Hayat Institute

جهانُ ننڊ ڪري، آنءُ راتڙيون جاڳان،
ٻُڇي ڏسين ته پلي چَنڊَ کان پڇي ڏِس تون!
سِرنهن سان تيڪ ڏئي، راهه ڏي نهاريان مان
سڳنڌ لاءِ پيو واٽ آنءُ واجهايان
ڪٿي اچين ته نه ٿي؟ پو اُداس ٿي سوچان
ڪڏهن ته پيار ۾ ڪنهن لاءِ هئن لُڇي ڏِس تون!
لڳن ڪڏهن ته لڳي مون جيان سنڌءِ ڪنهن سان!
جَهان ننڊ ڪري، آنءُ راتڙيون جاڳان!

Gul Hayat Institute

خدا جو قهر بظاهر ته قهر آهي پر
خدا جي رحم مان اميد ڪيئن ٿو لاهين؟
اگر بغور ڏسين ڪنهن عقاب جا شهپر
ڪَرن ٿا ڇانوَ مٿان توٽي ڇڙ ته ڏورانهين

خدا جو هَٿ سنڌءِ سِر مٿان رکيو آهي
خدا جي رحم مان اميد ڪيئن ٿو لاهين؟
خدا جو زهر پيالا تو ڪڏهن چکيو آهي؟
چکين ته ڪوبه پيو امرت نه تون ڪڏهن چاهين!

Gul Hayat Institute

وجن ٿيون ڪارِ-بتيون ائن اداس رستي تي
اکين کان دور وئي آهه جڏهن تہ منزل ٿِي!
پوي ٿو مينهن، پلر چؤطرف پيو چمڪي،
پرين بہ پاس، وڏي وات آهه پِنڊيءَ ڏي. *
جهُڪي ٿو جيءُ ائين وِڄَ جئن وراڪا ڏي
چپن کي چَپَّ تا ڳولن، نہ ڳالهہ پڇ دل جي!
چوي ٿي ڪارِ هتي اوچتو ڪٿي رُڪجي!
وجن ٿيون ڪارِ-بتيون ائن اداس رستي تي.

Gul Hayat Institute

* پنڊي: راولپنڊي.

(نوٽ: ڪِن شاعرن اهڙيون قلبي وارداتون نظمايون آهن، جن جو پس منظر هو ئي ڄاڻن ٿا).

تنبور پٽ سان ڪڙو آهہ جڻ وڄي ٿو پيو!
مگر پتائي نہ آهي جهانِ فانيءَ ۾
خبر نہ آهہ تہ ڪيڏانهن هو ڀڄي ٿو پيو
ڪڪر جي ڪور ڇڏي هو اچا ڪڄي ٿو پيو.

اگرچہ شعر سندس روح ڪي رڄي ٿو پيو
جهان سان ڇا محبت آ آنجهانيءَ ۾!
اچي ٿي سار سندس هانءُ جڻ هڄي ٿو پيو
تنبور پٽ سان ڪڙو آهہ جڻ وڄي ٿو پيو!

Gul Hayat Institute

زندگي ڪيتري پاڻوهه سان آهي ڪاتي!
پندرهن ڏينهن ٿيا موت هٿي ويو آهي.
سنڌ ساريءَ جي مٿان جهڙ ٻه ٿيا ائن جهاتي
شام ڪان اڳ ٿي اُفق آهه گهٽا ڪاراتي.
ميڙ ٻيهار ستارن جو مچي ويو آهي
زندگي آهه ائين جئن هجي مڌ جي ماتي
زندگي ڪيتري پاڻوهه سان آهي ڪاتي!

Gul Hayat Institute

جھان جوٺ آٿي، آ انھيءَ تي ٺُوڪاريون!
تون آءُ، گوشہ نشينيءَ جي زندگي ڪاٽي!
ڀوي ٿو سيءُ، ٻہ ٿي ڪانڙيون ڪٽي ڀاريون!
ڪٽي تہ آءُ لَئيءَ يا ليار جو ٿاريون.

وجي نہ وقت، ڪنڍِي ڪونہ ٿا تڏهن ڏاريون،
تون آءُ، هَٽ اچي سيڪ! اي مِٺي ڪاڏي؟
رڳو مياٽيون سيئي من، سيئي ڪڪيءَ ڪاريون
جھان جوٺ آٿي، آ انھيءَ تي ٺوڪاريون!

Gul Hayat Institute

ڪير ڄاڻي تہ پري دور نگر ڪهڙو آ؟
ڪير ڄاڻي تہ گهڻو وقت حياتي آهي.
ڪير ڄاڻي تہ ترائي اُهو تَر ڪهڙو آ؟
آ لڳاتار جهڙالي، رڳو جهاتي آهي.

دور جي ڇاڻ اڃا تائين نہ پاتي آهي
ڪير ڄاڻي تہ پري دُور هو گهر ڪهڙو آ؟
ڪير ڄاڻي تہ پري دُور نگر ڪهڙو آ؟
ڪير ڄاڻي جو اها جاءِ اَڃاتي آهي؟

Gul Hayat Institute

سڪر جي شام، ڪنارو سنڌوءَ جو، تون مان
پـــڪـــي اُڏار ۾ آهـــن، اڃا سُجهـــنـــدو آ
لـڳي ٿـو اِيـئـن فـلـڪ دور تـان پـرنـدن سـان
چِـٽـيـو آ بـار ڪـوئي نـقـش جڙ تــ پِـتّ مـٿـان
خبـــر نـــ ا تـــ گـهـــٽـــو دور آهـــ ڇـوڙُ هــتـــان
وجي ٿـي سِـيـر هـي پاڻـي ڪـٿـي نـ بـيـٺـو آ.
ڪـٿي ڪُٿي ٿي ندي؟ 'سمنڊ ۾' ٻڌان ٿو مان
سڪر جي شام، ڪنارو سنڌوءَ جو، تون مان.

Gul Hayat Institute

اجا تہ آئي نہ آهين، لهي ٿو سُج پريان
چوان ٿو پنڌ پوان، دور دور وستي آ.
اگرچہ دل ٿي چوي توسان موڪلايان مان،
وداع پوئين چميءَ سان ڪري وڃان توسان.

جئين ٿو سج نديءَ سان ڪري، ائين وچڙان
اجا تہ دل ۾ رڳو مئڪدي جي مستي آ.
اجا تہ سات صراحيءَ جو آهہ ساغو سان
اجان تہ آئي نہ آهين، لهي ٿو سِج پريان.

Gul Hayat Institute

لهي ٿو شعر ائين مون تي آبشارن جئن
چوان ٿو تنهنجي عطا ڪيتري نہ آ مون تي!
ڪڏهن بہ ڪونہ لڪان آنءُ خامڪارن جئن،
اچن ٿيون اُپ ۾ گهٽائون پرينءَ جي وارن جئن.
ڪوئي اَٿي ٿو لڪي ايئن جڻ بهارن جئن
ٽِن وڻن تي سوين گل، سڄي فضا مهڪي.
ڄمار هڪ ئي ۾ لک، ٿون سوين ڄمارن جئن،
لهي ٿو شعر ائين مون تي آبشارن جئن.

Gul Hayat Institute

خدا جي ساٿ وچڙ ڪيترو ڀلو آهي!
هلون ٿا هڪ ٻہ قدم وات چو ٽڪائي ٿي.
لڳي ٿو گول چڪر، جيئڻ ڪو ڇلو آهي
ائين تہ سڀ ڪي ڏنو رهزنن وِلو آهي.
خدا جو پيار اُهو اوچتو سَلو آهي
ائين وڌي ٿو جيئڻ ولّ ڪا ورائي ٿي
خدا جي پيار ۾ هر وڪ مرحلو آهي
خدا جي ساٿ وچڙ ڪيترو ڀلو آهي.

Gul Hayat Institute

رند ڪنهن وقت خرابات ۾ نعرا پيا هڻن،
هيا بيدار مگر هاڻ سُتا پيا آهن.

جام کي جام سان ٽڪرائي مٿي جام ڪڻن
پوءِ گل مهر جي گل جيئن پيا هيٺ ڇڻن.

هاڻ آ ننڊ اچي وئي ڍَڪِي ڌرتيءَ تي ڌڻن،
آدميءَ کي تہ ڇڏيو ڏور ڪُتا پيا آهن.

لهر تي لهر اچي ننڊ جي، ڪيڏي نہ وڻن!
رند ڪنهن وقت خرابات ۾ نعرا پيا هڻن.

Gul Hayat Institute

رات جي رات خرابات ۾ گذري ويئي
جام تي جام جي فرمائش اچا جاري آ
هيل برسات خرابات ۾ گذري ويئي
يار سان بات خرابات ۾ گذري ويئي.
ائن ملاقات خرابات ۾ گذري ويئي
ڪيتري سِڄ چڙهي ڪيف اچا طاري آ!
ڪيتري ذات خرابات ۾ گذري ويئي
رات جي رات خرابات ۾ گذري ويئي.

Gul Hayat Institute

ڏک يا سُکّ، جي اک ٻوٽ تہ ڪجھ پيو ناهي
رات جي رات تہ آهي ائين گذري ويندي.
جي ستارا نہ ٻہ اُڀريا تہ انھيءَ ۾ ڇاهي؟
جي تون فانوس نہ ٻاري سگهين اُلڪو ناهي!
انت اونداهيءَ ڏي هر چيز پئي ٿي ڪاهي
ڏيکُ مايا جو ڏئي، انتُ جا سپنو ٿيندي
اک کُلي ٿي تہ لڳي ٿو تہ حياتي ڇاهي!
ڏک يا سُکّ، جي اک ٻوٽ تہ ڪجھ پيو ناهي.

Gul Hayat Institute

اجنبي گيت ائين روح کي ريجهائن چو ٿا؟
اجنبي گيت هوائن ۾ ائين گونجن ٿا
جڻ صدين سار، صدائن ۾ ائين گونجن ٿا
اجنبي گيت ائين روح کي ھرڪائن چو ٿا؟

ڪئن تري پار ڪتان روز هتي پهچن ٿا
چو نہ وسريا هو مَنان روز هتي پهچن ٿا
پَتَ-ڳِنڙن کي سڄي رات لسائن چو ٿا
اجنبي گيت ائين روح کي ريجهائن چو ٿا؟

Gul Hayat Institute

خدا جي راهه ۾ جيڪي مُئا ڪڏهن نہ مُئا
انهن جي جا بہ عقيدت، سلام آ اُن تي.
انهن جي جيئري ڪيڏا هُئا نہ لوڪَ لُٽا
انهن جي موت کان پو ڇڻ تہ هو مدام هُئا.
انهن جي رَبّ سوا ڪنهن انهن جا سڏّ سُئا؟
انهن جي جا بہ بصارت، سلام آ اُن تي
چگو اتي جي اُنهن لاءِ تون گهرين ڪا دعا
خدا جي راهه ۾ جيڪي مُئا، ڪڏهن نہ مُئا.

Gul Hayat Institute

ڪڏهن تون ٻار جي ڪنهن خواب ۾ ويو آهين
بهشت پيٽ ۾ ان جي تہ ڪجهہ بہ ڪونہ آهي
ڪڏهن تون خواب جي گرداب ۾ ويو آهين
ڪڏهن تون ننڊ جي سيلاب ۾ ويو آهين.
ڪڏهن تون بحر جي اُن آب ۾ ويو آهين
ڪٿين ۽ چنڊ ڪان جو دور تو پيو ڪاهي
ڪڏهن تون خواب جي اسباب ۾ ويو آهين؟
ڪڏهن تون ٻار جي ڪنهن خواب ۾ ويو آهين.

Gul Hayat Institute

سلام اهلِ قبور، آنءُ نيٺ آيو هان،
پتو نہ آهہ تہ ٻيهار اڪّ ڪلڻي آ.
ائين لڳي ٿو اوهان وٽ اچا پرايو هان!
ڏسو ٿا ايئن پراسرار ڪوئي سايو هان.
هزار خواب ڇڏي آنءُ هت اچايو هان،
اچان تہ مونکي سڄي ڪائنات رلڻي آ.
اچا تہ آنءُ انهيءَ ۾ ڪٿي سمايو هان!
سلام اهلِ قبور، آنءُ نيٺ آيو هان.

Gul Hayat Institute

سوين گلاب ڇڏي راهه ۾ رباب ڇڏي
صدين جا گيت پرانهان سمائي آيو هان
نديءَ نديءَ ۾ ڪِئي عڪس ماهتاب ڇڏي
پره جا ورق ورائي. سوين ڪتاب ڇڏي.

زمين تي اِئين پنهنجا اڌورا خواب ڇڏي
خبر نه آهه هتي ڇو الائي آيو هان.
سوال ڪوبه نه ساندي، سوين جواب ڇڏي
سوين گلاب ڇڏي، راهه ۾ رباب ڇڏي.

Gul Hayat Institute

خدا جي راز کي ڇا لاءِ تو سَلڻ چاهين؟
خدا جو راز شگفتہ نہ ٿي تہ بهتر آ
خدا جي مُنجهہ ۾ ڇا لاءِ تو پوڻ چاهين؟
خبر نہ آهہ تہ ڇا لاءِ تو ٿُتڻ چاهين؟
خدا جي راهہ ۾ ڪيڏانهن تو رُلڻ چاهين؟
ڪٿي بہ راهہ نہ تُنهنجي ڪُٿي تہ بهتر آ.
خبر نہ آهہ تہ ڇو تو ڇڄي پوڻ چاهين؟
خدا جي راز کي ڇا لاءِ تو سلڻ چاهين؟

Gul Hayat Institute

خدا جو پنڌ پري آ، قدم ڪٽين تہ چڱو،
نہ ڏونگرن کي ڏسي هانءُ هار تون پنهنجو!
جي راهہ ۾ ڪٿي رهبر اڳي هلين تہ چڱو،
لهي جان سجَ وجي پار تون پُڄين تہ چڱو.

انڌيري رات ۾ فانوس ڪو ڪٽين تہ چڱو،
نہ پٿرن کي ڏسي هانوَ هارِ تون پنهنجو!
رڪاوٽون تہ اٿي راهہ کي ڏسين تہ چڱو،
خدا جو پنڌ پري آهہ توَن قدم ڪٽين تہ چڱو.

Gul Hayat Institute

پريان ستارا جئين ڏيئڙا پيا تمڪن

خدا هوءُ چنڊ جو فانوس آ جهلي بيٺو

هوا ۾ ڪيئن بري روشنيون پيا ٽا ڪن!

ٽتي تي نہ بن ڇير جان پيا چمڪن

جڏهن تہ ماڪ جهڙين تارڙن جڻ جرڪن

خدا ڪڏگ ڪان نہ سي پيو بلي بسنو

جئين نہ پير سند لوءِ تي ڪڏهن ترڪن

پريان ستارا جئين ڏيئڙا پيا تمڪن.

Gul Hayat Institute

خدا جي راهبري ڪيتري نه بهتر آ
گناهگار، اُتي آءُ پوئتان هُن جي
نظر ڪرين ته خدا لاءِ جيئن گهر گهر آ
عشا جي وقت اذان عرش تي منور آ
انهيءَ جو نور سماوات ۾ سراسر آ
سياد ڪار اُتي آءُ پوئتان هُن جي
نه پنڌ آهه گهڻو، ٿورڙو پريان گهر آ
خدا جي راهبري ڪيتري نه بهتر آ.

Gul Hayat Institute

ڏسين ٿو خواب هوائن ۾ ڪئن پيا ترڪن!
خدا جو پنڌ ڀري نانهہ هو اچي ويو آهہ
ڏسين ٿو تارا پيا ڪيتري نہ جهرمر ڪن!
وِهي پيو ڪوٺي درياهہ، سڀ پيا گهرڪن!

نہ ڪابہ آهہ ڪنڌي جئن رديف شاعر ڪن
وٺي آرات، نئون سڄ اُڀري آيو اهہ
ڏسين ٿو ترورا تا اُن جا ڪيئن ترمر ڪن!
ڏسين ٿو خواب هوائن ۾ ڪئن پيا ترڪن!

Gul Hayat Institute

بگهڙ ۽ ڪيترا هاتار ٿا ڦرن چوڌار،
اڇي ٿو دل ۾، سمهان اِئين جو اُٿان نه وري!
خبر نه آهه ائين ڇو پئي ڪَتن سان ڪار!
اداس پينگ مان ڪيڏي اچي پئي پڙنڪار!

آ مال و زر جو هَوس ايترو هتي بيڪار
ڇوان ٿو جيئري ڪِنهن ساڻ مان ملان نه وري
پُلي بُڌان نه وري آدميءَ جي پڙڪار
بگهڙ ۽ ڪيترا هاتار ٿا ڦرن چوڌار

Gul Hayat Institute

ڪـڏهـن تـہ آءُ سـمـهـون آسـمـان جي هـيـٺـان!
ڪُلـي هـوا ۾ سـتـارن جي ڇانـوَ پـيـاري آ.
گـهـٽـيـل هـوا تي لـڳي ڪـيـتري نہ پـنـڪـن مان،
ڪڏهن تہ اوريون ڪشاديءَ فضا جي وسعت سان!

هي شهرُ تنگ، دليون تنگ ٿيون رهن تنهن ڪان
سـرءُ ۾ ڪـيـڏي چـنـارن جي ڇانـوَ پـيـاري آ!
هـتـي تـہ هـانـوَ جي پـوسـاتَ ء فـقـط دونـهـان!
ڪـڏهـن تـہ آءُ سـمـهـون آسـمـان جي هـيـٺـان!

Gul Hayat Institute

خدا تو جهول پري ڏات سان سدا تُنهنجي

خدا فياض رهيو آهه ڪيترو تو سان!

اگي نه تي جا انهيءَ بات سان سدا تُنهنجي

آ رسم و راهه خرابات سان سدا تُنهنجي.

رهي آ گفتگو در رات سان سدا تُنهنجي

ڪڏهن اوڏڙي جيئن ڪڏهن آ رمز جهم جان

پري تو ڏات ڪو برسات سان سدا تُنهنجي

خدا تو جهول پري ڏات سان سدا تُنهنجي.

Gul Hayat Institute

ڪجهه ڪڪر ڪور مٿان چنڊ-جهَڪ آهه اڃان،

ٿورڙي رات رهي آهه سا گذري ويندي.

گڏ جو دور ڏهو جڻ ڪٿي لڪ آهه اڃا

ڪو بسنت اورتي اچڻو آهه پڪ آهه اڃا.

ڪانئي خوشبو ٿي وري ساهه سمڪ آهه اڃا!

موت جي گهات رهي آهه سا گذري ويندي

نوان ٻج جڻ ٿي ڪري ٿورڙي جهڪ آهه اڃا

ڪجهه ڪڪر ڪور مٿان چنڊ-جهڪ اڃا.

Gul Hayat Institute

موت جي رات هوائون پيون هيرون آڻن

زندگي پوءِ به روڪي ٿي وڃڻ کان مونکي

ڪيترو دور خبر ناهي گهٽاٽون ساڻن

جيءَ ۾ ڪيئي نه ناٿون ٻيو سامائن.

حادثا سار جي چاڙهيءَ ۾ پيون ٿيون چاڻن

عاشقي پوءِ به رڪي ٿي وڃڻ کان مونکي

ڪير اوجهاڻ اُڏيڙي پيا ٻيهر واڻن؟

موت جي رات هوائون پيون هيرون آڻن.

Gul Hayat Institute

ننڊ ۾ ايئن ترائيل اچي ٿي مون ڏي،
جئن مڇي سمنڊ منجهان پاڻ اچي ساحل تي.
ننڊ ۾ ايئن ترائيل اچي ٿي مون ڏي،
پاڻ ٿي انّ سٿون ڪير پيو ٿو آچي؟

ننڊ ۾ ايئن ترائيل اچي ٿي مون ڏي
جيئن رابيل مان خوشبو اچي، اڌ رات ٿئي.
ننڊ ۾ ايئن ترائيل اچي ٿي مون ڏي،
مان نہ ڄاڻان تہ انڌيري ۾ پيو ڪير لڪي؟

Gul Hayat Institute

بَس رهي هاڻ بہ تي پهر حياتي آهي
ڪا خبر ناهہ تہ پيهار اُتان ننڊ منجهان.
تو چوي چنڊ تہ هيڏانهن هلي آءُ اِتان
آنءُ شيشي اِڳيان مجبور نہ آهيان تو جان.

آءُ آڪاس گهمون، آنءُ اڪيلو تو ڦران
آ تري آءُ، رڳو لهر حياتي آهي
تون تو جنهن لاءِ تڪين هاڻ وڃي آهہ هتان!
بس رهي هاڻ بہ تي پهر حياتي آهي.

Gul Hayat Institute

شيخ اياز | چنڊ ڳليون (شاعري) | نيوفيلڊس (194)

## شيخ اياز جي موجود ڪتابن جي لسٽ

ڪتي تہ پيچبو ٽڪ مسافر
ھرڻ اکي ڪيڏانھن
جَرَ - ڏيئا جهمڪن
سورج مکيءَ سانجهہ
سَر لوھيڙا ڳيپيا
ننڊ وليون
ڪتين ڪَر موڙيا جڏھن- ڀاڱو I
ڪتين ڪر موڙيا جڏھن- ڀاڱو II
الوداعي گيت
ٽڪرا ٽٽل صليب جا ۽ واٽون ڦلن ڇانئيون
خط- انٽرويو ۽ تقريرون- ڀاڱو II
ھينئڙو ڏاڙھونءَ ڳل جئن
پتڻ ٿو پُور ڪري
اُڀر چنڊ پس پرين
وڄون وسڻ آئيون
پونر پري آڪاس
ڪراچيءَ جا ڏينھن ۽ راتيون
لڙيو سج لڪن ۾
ڪي جو ٻيجل ٻوليو
ساهيوال جيل جي ڊائري
رڻ تي رِم جهِم

## نيو فيلڊس جا تازه شايع ٿيل ڪتاب

| | |
|---|---|
| سهسين ٿيا سارنگ (سفرنامو) | عنايت بلوچ |
| ڪراچي ڪان ڪوپن هيگن (سفرنامو) | الطاف شيخ |
| جت برف پئي تي جام (سفرنامو) | الطاف شيخ |
| ملير ڪان مالمو (سفرنامو) | الطاف شيخ |
| اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا (سفرنامو) | الطاف شيخ |
| قيدي (ناول) | فخرالزمان |
| اوڙاهہ (ناول) | غلام نبي مغل |
| آواره (ناول) | موهن ڪلپنا |
| مونجهارن ۾ قاتل هڪ شخص (ڪهاڻيون) | ڊاڪٽر صالح |
| ڪيئي ڪتاب (آتم ڪٿا) | ڪريم بخش خان نظاماڻي |
| منهنجي سڀ کان پياري ڌيءُ | ذوالفقار علي ڀٽو |
| پياسي ڌرتي رمندا بادل (ناول) | سراج |
| منهنجو وطن منهنجا ماڻهو | لوڪرام ڏوڏيجا |
| عورت ۽ پيار .. نئون شهر (ٻہ ڪتاب گڏ) | غلام نبي مغل |
| اوچا ڳاٽ پهاڙن جا | نجم عباسي |
| قومي غدار ۽ حساب ڪتاب | لياقت عزيز |

Gul Hayat Institute